

# جهونڪا پورب واءُ جا

گڏيل شاعري

مُرتب

وفا چولياڻي

MEHRBAN PUBLICATION

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جهونڪا پورب واءُ جا

(گڏيل شاعري)

مُرتب

**وفا چوليائي**

MEHRBAN PUBLICATION

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جهونڪا پورب واءُ جا

گڏيل شاعري

مُرتب

## وفا چوليائي

حق ۽ واسطا محفوظ آهن

ڇپائيندڙ : مهربان پبليڪيشن
0304-2228554
ڪمپوزنگ : وفا چوليائي
ڇاپو پهريون: 2023ع
ڳاڻيٽو : 500

قيمت =/200

MEHRBAN PUBLICATION

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




## ارپنا

هيءُ پيار پورهيو ارپيان ٿو شاعري جي ايندڙ ان ديون ۽ ديوتائن کي جيڪي اسان کان گهڻو سنو لکندا.

**وفا چوليائي**

# سپني کي ساپيان جو روپ

شروع الله تعاليٰ جي بابرڪت نالي سان جيڪو وڏو مهربان ۽ نهايت رحم وارو آهي.

سلام عرض، اسلام عليڪم، ياعلي مدد، جيئي سنڌ، جيئي لطيف، حق موجود، نمستي، دنيا جي هر فڪر ۽ مذهب سان وابسطا ماڻهن لاءِ نيڪ تمنائون.

جيئن ته پنهنجي شاعراڻي ڪتاب ”عشق جون آيتون“ ڪان پوءِ مُرتب ڪيل هيءُ پيار پورهيو ”جهونڪا پورب واءُ جا“ اوهان تائين پهچائيندي بيحد خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان.

جنهن ۾ سنڌ جي مختلف شهرن مان ستاويهه معياري شاعرن سان گڏ شاعرائن کي پڻ موقعو ڏنو آهي ته جيئن اهي مردن سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي بيهن ان ڪري هن ڪتاب ۾ ڪجهه شاعر عورتون پڻ شامل آهن.

هن گلدستي ۾ سپني کي سنڌي الفابيٽ جي الف - ب واري ترتيب سان شايع ڪيو آهي مطلب جنهن جو جنهن به الفابيٽ سان جو اسم ۽ نالو اچي ٿو ان کي ان سيريز ۾ رکيو آهي صرف ايترو نه ان سان گڏ شاعر جي جاڻ سڃاڻ واري پيج ۾ ان جي اسمن مان کي مخصوص لفظ عنوان طور پڻ رکيا آهن جيئن ان کي ائين لڳي ته هن ڪتاب ۾ انهن جو پڻ هڪ ننڍو ڪتاب فلاڻي نالي سان آهي.

هيءُ ڪتاب آڻڻ جو مون تقريبن سال اڳ سپنو ڏٺو هو مان بيحد ٿورائتو آهيان سڀني سٽ جو جنهن منهنجي سپني کي ساپيان جو روپ ڏنو.

اميد ته سنڌي ادب ۾ ٻين ڪتابن سان گڏ هي ڪتاب به پنهنجي هڪ مخصوص جاءِ ولاريندو وڏيڪ اوهان سپني دوستن، بزرگن ۽ ساڄاهه وندن جي قيمتي راين جي اوسيئڙي ۾.


وفا چولياڻي

0304-2228554   0334-2228554

Facebook.com/WAFACholiYani

Email: WAFACholiYani@gmail.com



## موتي آتون هاڻ

### ڄاڻ سڃاڻ

| | | |
|---|---|---|
| قلمي نالو | : | الله ڏنو هالاڻي |
| ڄڻي جو نالو | : | الله ڏنو |
| پيءُ جو نالو | : | محمد جمن |
| ذات | : | لنجو |
| جنم جي تاريخ | : | 01 آگسٽ 1987ع |
| جنم ڀومي | : | ڳوٺ ڏينٽيون لنجا |
| تعليم | : | ميٽرڪ |
| ڪرت | : | سرڪاري ملازم |
| شاعري جي شروعات | : | 2013ع کان |
| لکيل صنفون | : | گيت، غزل، وائي، بيت، چوسٽو وغيره |
| ڇپيل ڪتاب | : | گڏيل شاعري جي ڪتاب، شاعري جو آڪاش، سنخور سنڌ ڌرتي جا، مهڪيا گل گلابي، ۾ حصو ورتل. |
| اڻ ڇپيل مواد | : | هڪ ڪتاب جيترو |
| رهائش | : | ڳوٺ ڏيٽنيون لنجا تعلقو اسلام ڪوٽ ضلعو مٺي ٿرپارڪر، سنڌ |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اســـان راز دل جـــا پــنن تــي اُتاريـــا،
زمـــاني اســـان تـــي تـــڏهن هـــٿ اُلاريـــا.

ســڙيا ۽ جليــا ڪــي اســان جــي لڪــڻ تـــي،
پـــرين خـــط هـــزارين هـــوا ۾ اُڏاريـــا.

جڏهن ڪجهہ لکيوسين تہ پنهنجو لکيوسين،
نڪــي لفــظ ڪــنهن ڪـان اسـان ڪـي اُڌاريـا.

دنيــا جــون چــالاڪيون پُڳيــون چنــڊ تــائين،
اســـان حـــال پنهنجـــا نـــہ آهـــن سُـــڌاريا.

ڏنـــا ڪـــوڙ صـــدمان ”هـــالاڻي“ زمـــاني،
اســـان ســـور ســـيني انـــدر ســـڀ ســـنواريا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندم جذبا ٻـ چُمندا هن اکيون ۽ زُلف چاندوڪي،
اسان کي خوب وڻندا هن اکيون ۽ زلف چاندوڪي.

ستارن ۾ سنهيون ٻانهون تکيا ۽ سرد شوڪارا،
وليون ٿي من سان جُڙندا هن اکيون ۽ زلف چاٻدوڪي.

”هالاڻي“ پٽ ياڳاندر تي لُچيو تڙپيو سڏي توکي،
پيا تنهن تان هي ڪلندا هن اکيون ۽ زلف چاندوڪي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غضب آ تنهنجو جمال جانان،
ڪجل اکين ۾ ڪمال جانان.

رومال ۾ تو رکيا جو گُلڙا،
بنهه لڳا بي مثال جانان.

متان هٿن ۾ چُپي نه توکي،
سُئي سڳو تون سنڀال جانان.

ڏسڻ عجب آ هلڻ غضب آ،
نڪو ئي تنهنجو مثال جانان.

چمي اکين تي رکيو ”هالاڻي“،
اوهان جي هٿ جو رومال جانان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موتي آ تون هاڻ متيءَ ۾،
گڏجي گهاريون پاڻ متيءَ ۾.

تو بِن منهنجي سهڻا سائين،
ناهي چاڻ سڄاڻ متيءَ ۾.

ڏينهن اُهي اڄ ياد اچن ٿا،
گڏ گذاريا پاڻ متيءَ ۾.

شام جي سُندر پهر ۾ پيارا،
مان ٻـ هجان تو ساڻ متيءَ ۾.

”الله ڏنا“ مان ايندو آهيان،
"هالاڻي" تو کاڻ متيءَ ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُـوءَ جـو مـون وٽ هـاٿي پهتـي،
ٺـاڪ منجهنـد جـي ٺـاٺي پهتـي.

روڪ جون سپ ديـوارون سـهٽي،
هـرڪ هـٿن سـان چـاٽي پهتـي.

ايـئن خوشـيءَ مـان جهـومي آئـي،
جـڻ هُـوءَ ڳـوٺ ابـاٽي پهتـي.

روح جـي ڪـٿ پراٽـيءَ ڪـي،
وارن سـان هـو واٽـي پهتـي.

هـاٿي هـاٿي "هـالاٽي" جـي،
هُـوءَ جـو آهـي نڪـاٽي پهتـي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



**پيارا پيارا نيڻ پرين جا**

**ڄاڻ سڃاڻ**

| | | |
|---|---|---|
| قلمي نالو | : | امتياز عزيز بالادي |
| ڄڻي جو نالو | : | امتياز علي |
| پيءُ جو نالو | : | استاد محمد سچل بالادي |
| ذات | : | بالادي |
| جنم جي تاريخ | : | 08 فيبروري 1989ع |
| جنم ڀومي | : | ڳوٺ سچل آباد |
| تعليم | : | ايم اي، ايم ايڊ |
| ڪرت | : | استاد |
| شاعري جي شروعات | : | 2007ع کان |
| لکيل صنفون | : | گيت، غزل، وائي، بيت، چوسٽو وغيره |
| ڇپيل ڪتاب | : | ڪو بہ نہ |
| اڻ ڇپيل مواد | : | پنجن ڪتابن جيترو |
| رهائش | : | ڳوٺ سچل آباد ويجهو ڪنڍڙو تعلقو سنجهورو ضلعو سانگهڙ |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکين جي يار گهيري ۾ اسان ڀي دل ڏني هئي ڪٿ،
جلياسين پئي انڌيري ۾ اسان ڀي دل ڏني هئي ڪٿ.

اسان سمجهو زماني کي اسان جيئڻ عشق پاليو هو،
مليو هر وير ويري ۾ اسان ڀي دل ڏني هئي ڪٿ.

جلائي دل ڦٽي قسمت رهياسين انتظارن ۾،
اجائي ڦند ڦيري ۾ اسان ڀي دل ڏني هئي ڪٿ.

سجائي هن جي خوابن کي هلياسين پئي سڌو هن ڏني،
پرائي پنڌ پيري ۾ اسان ڀي دل ڏني هئي ڪٿ.

متا ماٺهو سنا ماٺهو ڏسي سامهون سڄڻ سهٽا،
وفا جي ڀل ڀليري ۾ اسان ڀي دل ڏني هئي ڪٿ.

ڏئي ويو زخم ڪيڏا هو رني آ دل ڪري رينهون،
صفا واسينگ ويري ۾ اسان ڀي دل ڏني هئي ڪٿ.

وٽيو هو ڳوٺ ساري کي ڪئي تعريف هر ڪنهن پئي،
الائي ڪنهن جي ڇيري ۾ اسان ڀي دل ڏني هئي ڪٿ.

ڀري دردن کي ڀاڪر ۾ روئي ”امتياز“ هليو آيس،
ڏکن جي ڏنڌ گهيري ۾ اسان ڀي دل ڏني هئي ڪٿ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاتــل ڪــارا نــيڻ پـــرين جـــا،
پيـــارا پيـــارا نـــيڻ پـــرين جـــا.

واســـينگن جـــان روز ڏنگـــن تـــا،
ايـــرو آرا نـــيڻ پـــرين جـــا.

ڳـــوٺ ســـڄي جـــي ننـــڊ ڦٽـــي آ،
ڏاڍا مـــارا نـــيڻ پـــرين جـــا.

بجلـــي ســـاري بـــدن ۾ ڀڙڪـــي،
تـــابش تـــارا نـــيڻ پـــرين جـــا.

”امتيـاز“ اسان جي دل تـي پـل پـل،
ڏيـــن لامـــارا نـــيڻ پـــرين جـــا.

ڪنهن کي ناهي سور او سائين؟
هر ڪو آ مجبور او سائين.

تنهنجي حسن جي جلون جاني،
جوان ڪيا هن جهور او سائين.

ڪا سونهن پُڇي ٿي سوري ڪان،
ڪاٿي آ منصور او سائين.

چوندي ساري جڳ مان توکي،
قرب ڪيو منظور او سائين.

”امتياز بالادي“ عشق تنهنجي ۾،
ڏاڍو ٿيو مشهور او سائين.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيـــڏا پيـــارا پيـــارا مـــاٺهو،
دل جـــا نڪتـــا ڪـــارا مـــاٺهو.

منـــڙا منـــڙا مـــاڪي جهـــڙا،
نڪتـــا ڪوٺـــا ڪـــارا مـــاٺهو.

ڪيـڏو لـوڪ جليـو پئي مـون تـي،
منهنجـــا نڪتـــا مـــارا مـــاٺهو.

هـــاڻ تـــہ پـــرک ٿـــي وئـــي پيـــارا،
ســـچڙا نـــاهن ســـارا مـــاٺهو.

”امتيـــاز“ نـــہ آ هِڪـــڙو تنهنجـــو،
پاڳـــل تـــو تـــي ســـارا مـــاٺهو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيڻن ۾ ڪو آهي ساجن،
جو تو ننڊ ڦٽائي ساجن.

چنڊ سان هن جي ڀيٽ ڪئي مون،
چنڊ پيو شرمائي ساجن.

پاڳن وارو شاعر آهيان،
منهنجا گيت تو ڳائي ساجن.

پيار سوا هن جڳ ۾ ڇا هي،
مون کي ڪوئي سڻائي ساجن.

روز ڇمي تصوير رکان تو،
سيني منجهه سمائي ساجن.

تنهنجو پيار تہ خوشبو آهي،
ڪيئن سگهان ها لڪائي ساجن.

تو بن هان ”امتياز“ اڌورو،
دل کي ڪو سمجهائي ساجن.



## نئين سال ۾

**ڄاڻ سڃاڻ**

| | | |
|---|---|---|
| قلمي نالو | : | اويس ساگر سومرو |
| ڄڻي جو نالو | : | اويس احمد |
| پيءُ جو نالو | : | منير احمد |
| ذات | : | سومرو |
| جنم جي تاريخ | : | **01** مارچ **1994**ع |
| جنم ڀومي | : | ڳوٺ مهتاڻا، تعلقو گمبٽ ضلعو خيرپور ميرس |
| تعليم | : | ايم اي سنڌي ادب |
| ڪرت | : | خانگي ملازم |
| شاعري جي شروعات | : | **2015**ع کان |
| لکيل صنفون | : | غزل، بيت، وائي، چوسٽو، نثري نظم ۽ آزاد نظم |
| ڇپيل ڪتاب | : | تن تشنگي تار |
| اڻ ڇپيل مواد | : | ”پنج ڪنواريون“ امرتا پريتم جي ڪهاڻين جو سنڌي ۾ ترجمو، ۽ ٻارن لاءِ انگلش گرامر |
| رهائش | : | **G/204**ريلوي انجڻ شيڊ ڪالوني نيو پنڊ سکر |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**اکيون**

سونهن اکيون،
جمال اکيون،
عشق ۾ ڪن
ڪمال اکيون،
تيز تکيون
تلوار اکيون،
ڏنيون نقابن ۾
نروار اکيون،
وڍن منَ کي
تيز ڌار اکيون،
وهن سارنگ جيئان
اشڪبار اکيون،
ڏنيون محفل ۾
ڌار ڌار اکيون،
ڪي اتر وار اکيون
ڪي ڏکڻ وار اکيون،
ٿيون نہ مون سان
وفادار اکيون،
سدائين رهيون
تڪرار اکيون،
وري لازوال اکيون
ڪي بيمثال اکيون،
مڌ جهڙيون هيون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملال اکيون،
جلال اکيون،
ڪلال اکيون،
ڏس هو وري
دغاباز اکيون،
اڏرن ٿيون ڪيئن
ڪلاباز اکيون،
ٿيون عشق ۾ بڻجن
راز اکيون،
سونهن اکيون،
جمال اکيون
عشق ۾ ڪن
ڪمال اکيون،

❖

**مصور**

اي
جانان
مصور بڻجي
ڪلهه رات مون
قلم ڪنيو تنهنجي
مهتاب چهري تي
هوا جي هلڪي
جهوٽي سان
اجهامي ويو ڏيئو
باک ڦٽيءَ کان پهريان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## شاعر جي دل

سياري
جي
سرد راتين ۾
جڏهن سنڌو چوليون
هٽي تڪجي تو
تڏهن
ڪڪرن جي قيد مان
چنڊ آزاد ٿي
هن اماس ڏرتي کي
پنهنجي جوڀن جواني
سان روشن تو ڪري
۽ هڪ شاعر جي دل
بيقراري وچان
تڙپڻ ڦٿڪڻ
لڳي ٿي
ان ڏکي دل جي درد کي
اکيون پنهنجو درد سمجهي
لڙڪ لاڙين ٿيون
جنهن لڙڪن مان ڪيئي نظم جنم تا ونن.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سپنا

سيپٽمبر
بہ
گذري
ويو
راتيون هاٽي
ڏگهيون ٿي رهيون آهن
۽
هوائن ۾
خشڪي وڌي رهي آهي
اهي سڀ دل کي وٽندڙ آهن
سياري جي آجيان چور ڪندڙ هوائون
اداسيءَ ۾ ڳتل شامون ۽ پنن جو ڪِرڻ
سنڌوءَ ۾ لهندڙ سج جو آخري ديدار
۽ رات جي تاريڪين ۾ ڪليل اکڙين سان سپنا ڏسڻ.

❖

## محترم

شهر
تنهنجي
جون گهٽيون
ان ڪري بہ
مون لاءِ محترم آهن
جو
اتان گذرندي
منهنجي ذهن ۾
ڪيئي نظم جنم ٽا ونن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## تنهنجا ٽهڪ

مان
هر پيري
توسان
ملڻ کان پوءِ
هڪ
نظم لکندو آهيان
تنهن نظم ۾
مان ڪٿي به نه هوندي آهين
۽ ها
منهنجي هر نظم ۾ تون هوندو آهين
۽ تنهنجا ٽهڪ
تنهنجا ٽهڪ منهنجي گهر کي معطر رکندا آهن.
منهنجا دوست جڏهن به مون سان ملڻ ايندا آهن
پڇندا آهن گلابن جو باغ تنهنجي گهرَ ۾ ڪٿي آهي.

❖

## نئين سال ۾

يا خدا
ڳوڙهن جي
جاءِ نيڻن ۾ ڪِينَ آ
لهندڙ هن سج کي
جيڪر درد سارا ڏئي ڇڏجن
هو ٻوڙي اچي پاتال ۾
زندگي خوشحال
ٿي پوي جيئن نئين سال ۾.



## چونيارين اکيون

### ڄاڻ سڃاڻ

| | | |
|---|---|---|
| قلمي نالو | : | بقا چولياڻي |
| ڄڻي جو نالو | : | ضمير احميد |
| پيءُ جو نالو | : | ڪريم بخش |
| ذات | : | چولياڻي |
| جنم جي تاريخ | : | 06 آگسٽ 2001ع |
| جنم ڀومي | : | ڳوٺ ڪريم بخش چولياڻي |
| تعليم | : | انٽر |
| ڪرت | : | خانگي ملازم |
| شاعري جي شروعات | : | 2020ع کان |
| لکيل صنفون | : | گيت، غزل، وائي، بيت، چوسٽو وغيره |
| ڇپيل ڪتاب | : | ڪو بہ نہ |
| اڻ ڇپيل مواد | : | هڪ ڪتابن جيترو |
| رهائش | : | ڳوٺ ڪريم بخش چولياڻي تعلقو ٽنگواڻي ضلعو ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يـا خــدا احســانُ كــر،
هــڪ ســتو انســان كــر.

يـــار غفلـــت ۾ اچـــي،
زنــدگي نــہ ذيــان كــر.

ساهہ ٿو جنهن لئہ سِڪي،
ســو خــدا مهمــان كــر.

گيــت جــي عنــوان كــي،
ڪنهن ٻُڪي لئہ نان كر.

ديــس جــو دشــمن هلــي،
هــر خــتم مــروان كــر.

رات ڪــاري كــي ”بقــا“،
تــون اچــي تابــانُ كــر.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪـــي رڪ ويـــر لاريءَ ۾،
ڪـــري چــڏ خيـــر لاريءَ ۾.

لڳـــي هٻڪـــار تـــي ڏاڍي،
چڙهـــي تـــو ڪيـــر لاريءَ ۾.

وڏي نـازن منجهـان چـوڪر،
ڪٽـــي تـــي پيـــر لاريءَ ۾.

انـــدر ۾ تـــي بهـــاري آ،
وجـــي تـــي چيـــر لاريءَ ۾.

”بقـــا“ ســـارا ســـنيالي رڪ،
نـــه ســـپنا ڪيـــر لاريءَ ۾.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نــوابن جهــڙي لڳــين تــي،
گلابــن جهــڙي لڳــين تــي.

چڪــي تيــو مــدهوش آهيــان،
شــرابن جهــڙي لڳــين تــي.

سبق حاصل تو ڪيان مان،
ڪتــابن جهــڙي لڳــين تــي.

”بقــا“ راحــت ملــي ڏِس،
رُبــابن جهــڙي لڳــين تــي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڻن ٿيون اوهان جو پياريون اکيون،
مٿان ڪرد پروان خماريون اکيون.

ڏنو جنهن بہ آهي اوهان کي پرين،
قسم سان اُهي هِن پلاريون اکيون.

ڏني دل هٿن سان ڪڍي پاڻ مون،
ڏُناليون جڏهن تو اُلاريون اکيون.

ڪڏهن ڪِينَ پيتو هُيو مون اڳي،
پري تو ڏنيون چوٽياريون اکيون.

”بقا چولياڻي“ ڏسي يار کي،
ملهائن پيون اڄ ڏياريون اکيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اداسي ۾ شهر آهي،
خدا جو ڪو قهر آهي.
”بقا“ ماڪي جيان هئي جا،
ڪڙي سا اڄ زهر آهي.

❖

روز ناهي ڊاهي ٿي،
چا الائي چاهي ٿي.
زندگي هر سال نوان،
دردَ مون لئه راهي ٿي.

❖

زلزلا ٿو ڏسان،
پاڻ کان سڀ پري،
پرجهلا ٿو ڏسان.

❖

ڪهڙو آهي پيار سڄڻ جو،
ڪعبو سمجهان پار سڄڻ جو.
پويان پويان پاڻ هلان ٿو،
اڳيان آهي ٻار سڄڻ جو.

❖

من رات لُڇو سائين،
چا لاءِ پيو روئين،
ڪنهن ڪِينَ پُڇو سائين.

❖

ويو تي روانو وري ڪِينَ ملندو،
سکن جو زمانو وري ڪِينَ ملندو.
”بقا“ بار سر تي اچي هن ويا سڀ،
گهمڻ لئه بهانو وري ڪِينَ ملندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



## اوهان ڪي ڇا مليو آخر

### ڄاڻ سڃاڻ

قلمي نالو : پريت گهمرو

ڇڻي جو نالو : بينظير گهمرو

پيءُ جو نالو : مِهر علي گهمرو

ذات : گهمرو

جنم جي تاريخ : 06 مئي

جنم ڀومي : نئون ديرو

تعليم : ميٽرڪ

شاعري جي شروعات : 2003 کان

لکيل صنفون : غزل، نثري نظم وغيره

ڇپيل ڪتاب : سر ۾ چمڪيو سج (شاعري) گڏيل ڪتاب سنڌ جون شاعر عورتون، سرجڻهار، برگا بوند بهار جي، ۾ حصو ورتل

اڻ ڇپيل مواد : ٻن ڪتابن جيترو

رهائش : خيرپور ميرس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جا خواب سپ ٽوڙي اوهان کي ڇا مليو آخر،
اسان جون خواهشون لوڙهي اوهان کي ڇا مليو آخر.

اسان هون نينهن جا نوکر ازل کان من ابد تائين،
اوهان منهن جي ڇڏيو موڙي اوهان کي ڇا مليو آخر.

اسان هون امن جا پانڌي امن سان پيار آ پنهنجو،
وطن جي امن کي ٻوڙي اوهان کي ڇا مليو آخر.

اڙي او بيوفا هردم اهو ئي پيار آ پنهنجو،
هٽي مونکي پٿر ٽوڙي اوهان کي ڇا مليو آخر.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### هن دور جا مرد

ٻڌ توکي خبر آهي؟
منهنجي سرتي
هن دور جا مرد ڇا لاءِ الزام هڻن ٿا
توتي ۽ مون تي
پلان ناهين ٿا
تنهنجي ۽ منهنجي ڪاڻ
جو تہ
جيڪڏهن اسين حقن جي ڳالهہ
ڪريون ٿيون
سو معاشري ۾ انتشار ڦهلايون ٿيون
ڳالهہ اصل ۾ اها ناهي
سچ هي آهي تہ هو اسان جي
انقلاب کان ڊڄي ڦٽڪن ٿا ايوانن ۾.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مرڪي مون کي الوداع ڪيو

هر لمحو هر ڏينهن
گذري ويو نيٺ ٻه سال
گهنٽي وڳي گهڙيال جي
۽ ڪليندر هٿ لوڏيندي چيو
هي ٻه سال گذري ويو
ويندي ويندي مرڪي چيائين
مون کان جيڪي غم مليا تي
تن کي تون وساري ڇڏجانءِ
ڏکن جي لسٽ گهٽي هئي
سکن جو چانورو گهڻ هو
مرڪي مون کي الوداع ڪر
هر سال جيان هن سال ۾
سردي سندا پاڪر پري
مچ ڪچهريون ۽ باهه ٻري
مون کي تون يادگار ڪجانءِ
جيسين نئون سج ايري
هي لهندڙ سج جو آخري لمحو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳلن تري لالڻ لڙي تي
۽ ڌڌهير مرڪي چوي تي
هي ٻه سال گذري ويو
ڪليندر هٿ لوڏيندو چيو
هي محبت جو مهينو
هي ميلاپن جو مهينو
هي محبوبن جو مهينو
هي مهينو يارن جو
۽ منڙن پيارن پيارن جو
سنڌو ديس جي مارن جو
ڪليندر هٿ لوڏيندي چيو
هي ٻه سال گذري ويو
سيلاب جا ماڻهو مئل
ڪين پوي ٿي ڪنهن کي ڪل
جيئري جيڪي موت مثل
سي جيئڻ پيا ڄڻ مشڪل
ڊسمبر جا هي آخري پل
ڪهڙا ڪيون توسان هل
وري ٻه تو تي آئي ڪهل
هاڻي جلدي اچي سپرين مل
هي شامون ڏاڍيون اداس آهن
تو سواءِ هي راتيون نراس آهن
پيار بنا راڪاس آهن
آهن تنهنجون يادون سڀ
پيار واريون ڳالهيون سڀ
سڀ ته پريت ياد آهن
دوستن سنديون راتيون سڀ
جن ۾ ڪچهريون جام ڪيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محبتون سرعام ڪيون
لوڪ کان لڪائي رکيون جي
سي رهاڻيون شام ڪيون
ڪيون وري پريت کي
محبتون بي نام ڪيون
هي ٻہ سال گذري ويو
ڪلينڊر هٿ لوڏيندي چيو
جيڪي وڃايو جيڪي مليو
ڊسمبر لڙڪ آڻي چيو
مرڪي مون کي الوداع ڪيو
مرڪي مون کي الوداع ڪيو.

❖

## محبت جو جهان

هوائون ٿيون گهلن اهڙيون
پريت جي پار جهڙيون
ڪڏهن اتر ڪڏهن اولهہ
ڪڏهن مارئي جي ملير جهڙيون
ڪٿي ٿهڪ گونجن هوائون ۾
ڪٿي لڙڪ وهن نگاهن ۾
ڪي گور سان گهائي وڃهن
ڪي تڙپن پڻ ادائون ۾
ڪينجهر تي ميلا مچن
ڪي تڙ تي تماچي روز ملن
ڪي نوري جي نگاهن لئہ
روز وينا دڳ ڏسن
هي محبت جو جهان آهي
سڀ پريت پريت لاءِ جيئن.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



# تنهنجو جلال

**ڄاڻ سڃاڻ**

| | | |
|---|---|---|
| قلمي نالو | : | جلال شيخ |
| ڄڻي جو نالو | : | جلال شيخ |
| پيءُ جو نالو | : | عبدالستار |
| ذات | : | شيخ |
| جنم جي تاريخ | : | 01 جنوري 1988ع |
| جنم ڀومي | : | ڪرمپور |
| تعليم | : | اٺ درجا |
| ڪرت | : | هاري |
| شاعري جي شروعات | : | 2010ع کان |
| لکيل صنفون | : | گيت، غزل، وائي، بيت، چوسٽو وغيره |
| ڇپيل ڪتاب | : | ڪو به نه |
| اڻ ڇپيل ڪتاب | : | ٻن ڪتابن جيترو |
| رهائش | : | ڪرمپور، تعلقو تنگواڻي ضلعو ڪشمور، ڪنڌڪوٽ |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تــو بِنــا کھــڙا کيــان ســينگار مــان،
تــو رهــان توکــان جــو دلبــر ڏار مــان.

چــڏ رســامان هــاڻ دلبـــر آ هلـــي،
جيــت تنهنجــي ۽ مجــي آ هــار مــان.

کــر خــتم هــاڻي پــرين ناراضــگي،
حــد کــان توســان کيــو وڌ پيــار مــان.

پيــار پنهنجــي کــي نظــر اهــڙي لڳــي،
”پيــار جــي ويــرين ڏنــو آ خــار مــان“.

رھ نہ ايڏو تون پري مون کان ”جلال“،
جــان آجــي کــر اچــي آزار مــان.

دل جي بدلي دل جو تون واپار ڪر،
پيار کان دلبر نڪي انڪار ڪر.

مان سڏايان تنهنجو تون منهنجو سڏاءِ
ڪين ڪي نالي خدا تون ڏار ڪر.

جا وڇوڙي جي سمنڊ ۾ ٿي ٻڏي،
پيار جي ٻيڙي اچي سا پار ڪر.

ٿو مري تو بن پرين تنهنجو ”جلال“،
تنهنجي آهي آسري اقرار ڪر.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جنهن ٻوڙي سموري يار آ،
ها اهو ئي ڏرتي جو تہ غدار آ.

جنهن نہ مسڪينن تي ڏري آهي نظر،
يار ڪهڙو پو اهو ڪنڌار آ،

گهر ڊهي برسات ۾ ڪافي پيا،
هي مٿان ٿي ٻوڏ جي يلغار آ.

هت غريبن کي نہ ڪو راشن مليو،
ٿيڪجي يارو يو پوتار آ.

واءُ ڪهڙو هت وريو آهي "جلال"،
آدمي هر هڪ ٿيو بيمار آ.

ڪــڏهن يــار جهــاتي بـــ پــائي ونـــو،
مـــرڻ تـــي پيـــو هـــان بچـــائي ونـــو.

نتـو درد دل جـو ڪـو گهتجـي سـگهي،
ملـــي درد دل تـــان هتـــائي ونـــو.

ڪيـان ٿـو محبـت اوهـان سـان پـرين،
يلـــي لـــوڪ ڪـــان ئـــي پچـــائي ونـــو.

”جـلال“ ڪـي جيئـري نـہ ڏي ڪـا سـزا،
اچـــي باهـــ دل جـــي اجهـــائي ونـــو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان تـوکي وسـاريان ايـئن کـو نـ ٿيندو،
۽ دل مـان ڏکـاريـان ايـئن کـو نـ ٿيندو.

پلـي دل تـان دلبـر ڏکـاريـنـدو رهـ تـون،
پـري پـل گـذاريان ايـئن کـو نـ ٿيـنـدو.

جـدائي جـو گهاريـان پيـو جيـل تـو بـن،
اجان پـي تـ گهاريان ايـئن کـو نـ ٿيندو.

تـــوکي دل ۾ دلبـــر چـــڏيو آ ويهـــاري،
ويهــاري اٿاريــان ايــئن کــو نــ ٿيــنـدو.

”جـلال“جـي لڳـي دل توسـان آهـي جـاني،
ٻـئـي ڏي نهاريــان ايــئن کــو نــ ٿيــنـدو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



## ڪليل اکين جا خواب

**ڄاڻ سُڃاڻ**

| | | |
|---|---|---|
| قلمي نالو | : | خوشبو بلوچ |
| ڄڻي جو نالو | : | ام ڪلثوم |
| پيءُ جو نالو | : | محمد ابراهيم |
| ذات | : | گنب |
| ڄنم جي تاريخ | : | 05 جنوري |
| ڄنم ڀومي | : | جوهي ضلع دادو |
| تعليم | : | ايم ايس سي، بي ايڊ، ايم ايڊ |
| ڪرت | : | اسسٽنٽ پروفيسر |
| لکڻ جي شروعات | : | ننڍپڻ کان |
| لکيل صنفون | : | ڪهاڻيون ۽ نثري نظم |
| ڇپيل ڪتاب | : | سماج ۽ سچائي (ڪهاڻيون) لڙهي ويل اميدون (ڪهاڻيون ۽ نثري نظم) |
| اڻ ڇپيل ڪتاب | : | نثري نظمن جو هڪ ڪتاب |
| رهائش | : | حيدرآباد، سنڌ |

## ياد

توکي
ياد ڪرڻ لاءِ
مونکي
توکي
پهريان وسارڻو پوندو.

❖

## محبت جي تلاش

صبح جي پهرين نگاهه
صبح جو پهريون خيال
محبت جي علامت آهي
۽
ڪنهن جو اهڙو خيال بڻجڻ
خوش نصيبي پڻ
پيار جو قدر
انسان هجڻ جو احساسُ آهي
جڏهن تہ
پنهنجي محبتن کي
سنڀالي رکڻ بہ
محبت جي نشاني آهي
ڏنو اهو ويو آهي تہ
جيڪو محبت نہ ٿو نڀائي
ان جي سموري حياتي
محبت جي تلاش ۾ ئي گذري ٿي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ماني جي محتاجي

عشق جي جنت جون حورون
آسيس، آئت، سُڪون پيارُ نہ پر
عذاب ڏينديون آھن
اي احمق
مون کي تنھا جيون گھارڻ ڏي
پنھنجو عشق
پري ڪر
اجايو عذابن ۾
پنھنجو ڪلنڌڙ جيون
تباھہ نہ ڪر
ھي دور عشق جو نہ آھي
ھي دور
دردن جي چَڪيءَ مان
پيٽ لاءِ
ماني ڳولڻ جو دور آھي
ماني جي محتاجي
ھڪ وڏو سماجي
مسئلو آھي
عشق کي ڇڏ اچ تہ گڏجي
ان سماجي مسئلي جو ڪو
حل تلاش ڪيون
بک جرم پيدا ڪري رھي آھي
ايئن نہ ٿئي تہ اسان
مجرم ٿي جرم جي دنيا جا
ماڻھو ٿي وڃون.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪيس چئجان

ڪيس چئجان
اسان ملڻ جي آس ڇڏي ڏني آ
پنهنجي دل جي تشنگي کي
سمنڊ جي واري ۾ دفن ڪري ڇڏيو آ
۽ ها
ڪيس اهو به چئجان
تہ هن بي درد زماني ۾
حساس دلين جا خواب
ڪا بہ معنا نہ ٿا رکن
ان ڪري
اهي سارا خواب مون
سمنڊ جي لهرن ۾ لوڙهي ڇڏيا آهن.

❖

## ڪاڪيل اکين جا خواب

مون اڄ جاڳي ڇڏيو آهي تہ
خواب ڏسندڙ اکين کان
جڏهن سندس خواب کسيا وڃن ٿا
تہ هو ڪيڏي نہ اذيت ڀوڳين ٿا
اهي خواب
جيڪي ڪيس
جيئڻ جي اميد ۽ نئون حوصلو ڏين ٿا
مون اهو بہ محسوس ڪيو تہ
جڏهن کان منهنجا خواب
مون کان کسيا ويا آهن
ننڊ مون کان ڪوهين ڏور هلي وئي آهي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڄاڻان ٿي تہ
خواب ۽ ننڊ جو گھرو تعلق
ايترو گھرو
جيترو انسان ۽ ڌرتي جو
اھو بہ ڄاڻان ٿي تہ
خواب ننڊ سان ئي ممڪن آھن
۽
جاڳيل نيڻن ۾
ڪليل اکين سان ڏٺل خواب
ڪڏھن بہ ساڀيا نہ ٿيندا آھن.

❖

## خوف

مان چاھيان ٿي
تون
پنھنجي ڊائري جي
ڪنھن صفحي تي
مون کي تحرير ڪري ڇڏ
الائي ڇو
مون کي ھر وقت
اھو خوف رھي ٿو تہ
تون
مون کي وساري ڇڏيندين.

❖

## زندگي بس اھڙي گذري رھي آ

ورھين کان پوءِ
جڏھن مون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن کان پڇيو تہ
حياتي تنهنجي
ڪيئن گذري رهي آ؟
وطن منهنجي جو ڇا حال آهي؟
خالي نظرن سان نهاريندي ورڻايو هيس
اڪيون اڄ ۽ رڄ تي ويون آهن
ڪيترن ئي سالن کان
هنن خواب ڏسڻ ڇڏي ڏنا آهن
دماغ بک، بيروزگاري ۽ سماج جي مامرن ۾
ڦاٿو پيو آهي
دل پنهنجي رفتار سان ڌڙڪڻ ڇڏي ڏنو آهي
ڪنهن اوچتي خبر تي
پنهنجي رفتار گهٽائي ڇڏي ٿي
هاڻي هو ڪنهن حسين چهري کي ڏسي
ڌڙڪڻ جي رفتار وڌائي نہ ٿي
هٿ ٿي وي جي رموٽ تي
رڳو خبرون ٻڌڻ لاءِ ئي ڪم ڪن ٿا
سڄو ديس سڏڪا ۽ سور ٻڌجي ويو آهي
ماڻهن جي مرڻ تي
ماڻهن کان ماتم ڪرڻ وسري ويو آهي
هاڻي هر ڳوٺ ۾ مانيءَ جو ماتم آهي
بک ماڻهن کي مجبور ڪري ڇڏيو آهي
ٻوڏ جي تباهہ ڪارين
سياست جي دل کي
پٿر جو ڪري ڇڏي آهي
منهنجا ڪن
ڏڪائتيون خبرون ٻڌڻ لاءِ تيار رهن ٿا
زندگي بس اهڙي گذري رهي آ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



## ڀلا ٻڌ ذوق ڇا ڇاڻن؟

### ڄاڻ سُڃاڻ

| | | |
|---|---|---|
| قلمي نالو | : | زبي پروين ڏاهري |
| ڄڻي جو نالو | : | زبيده ڏاهري |
| پيءُ جو نالو | : | جان محمد ڏاهري |
| ذات | : | ڏاهري |
| جنم جي تاريخ | : | 20 اپريل |
| جنم ڀومي | : | ڳوٺ عمر ڏاهري |
| تعليم | : | ايم اي سنڌي بي ايڊ |
| ڪرت | : | استاد |
| شاعري جي شروعات | : | 1988/89ع کان |
| لکيل صنفون | : | شاعري، ڪهاڻيون، ڪالم، سفرنامو |
| ڇپيل ڪتاب | : | اسان جون نهارون (شاعري) |
| اڻ ڇپيل مواد | : | هڪ ڪهاڻين جو ڪتاب ۽ تعداد شاعري |
| رهائش | : | شاهپور چاڪر، تعقلو شهدادپور ضلعو سانگهڙ |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احساس بڻيا بادل ۽ سوچون ساوڻ مينهن،
ساريندي سي ڏينهن، نيڻين نار وهي پيا.

❖

نيڻين نار وهي پيا، سرتين جا ساري سانگ،
آئون اڏايان ڪانگ، منهنجي ملڪ ملير ڏي.

❖

منهنجي ملڪ ملير ڏي، مينهن پيا برسن،
نيڻ پيا ترسن، ڏاڏاڻن جي ڏيهه لئه.

❖

ڏاڏاڻن جي ڏيهه لئه، من آهي ماندو،
قسمت ڪٿ آندو؟ قيد ڪري هن ڪوٽ ۾.

❖

قيد ڪري هن قوٽ ۾، متان پائين توق،
من هرڪندو موق، پسي تنهنجون ماڙيون.

❖

پسي تنهنجون ماڙيون ياد اچي تو تر،
منهنجو ڪکائون گهر، مون کي منو ماڙئين.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جي سمجهه کان ٻاهر،
دنيا هي ٻه رنگي آهي،

سرابن کي ساپيا سمجهڻ،
اسان جي سادگي آهي.

وفا ٻي لوٽ جي بدلي،
پلٽي پئي ٻي رخي آهي.

نيت ۾ نانگ تا پلجن،
اندر ۾ گندگي آهي.

ڪنڌن ۾ قول ڳولڻ هت،
دل جي ديوانگي آهي.

ڀلا بد ذوق ڇا ڄاڻن؟
نظارن ۾ جا نخمگي آهي.

پريت جي پارکن جي لاءِ،
محبت بندگي آهي.

”زبي“ جا شعر ٻولين تا،
زبان تي خامشي آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پيڙا

ڪيترن ئي ڏينهن کان
مسلسل
وجود اندر هڪ ولوڙ آهي،
خيالن جا وٽ پون ٿا،
۽سوچون سور پيون ڪائين.
شاعري
پيٽ ۾ پلجندڙ ٻار جيان
جنم وٺڻ لاءِ
ڦٿڪي ٿي
مگر
هر زور
هڪ نظم
ڄمڻ کان اڳ ئي
ذات.ديوئ جي پيٽ ۾
پيٽان.ٿڏي ٻار جيان
اندر ۾ ڦٿڪيو مريو وڃي
۽ روز هڪ نامڪمل تخليق جو
ابارشن ٿيو وڃي
۽ پيڙا وڃي پئي وڌندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اهو ممڪن نہ آ

اهو ممڪن نہ آ جو وساري ڇڏيون
ننڍپڻ جون هم جوليون هڪجيڏيون
جن سان گڏجي ٿي رانديون گڏين ڪيڏيون
رسيءَ راند جهولا ۽ لڪ لڪوٿيون
راند ۾ هڪٻئي سان ڪيل ڪٽيون ۽ ٻڏيون
عيدن تي هڪٻئي کي ڏنل خرچيون
مکيون هڪٻئي ڏي جي سئين چونگيون
خط ڪارڊ ميندي شيشي جون چوڙيون
شرارتن سان سرشار سي ساعتون
تصور تي تختيءَ تان ميساري ڇڏيون
اهو ممڪن نہ آ جو وساري ڇڏيون،

هو جيڪي سرتين سات هئا
چلولا چاڳ هئا ٺهڪ چڙواڳ هئا
ڪيچلا خواب هئا، خيال گلاب هئا
شادين ۾ گڏجي ٺاهيل چونڪڙيون
ٺولن ۾ ٺهڪن سان پريل سي گهڙيون
هڪٻئي سان هجتون مستيون مشڪريون
پاڻ ۾ سي ڪيل حسين حرڪتون
دل جي ورق تان ڪيئن اتاري ڇڏيون؟
اهو ممڪن نہ آ جو وساري ڇڏيون،

۽ سي پر بهار هستيون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن جي تصور سان ئي
من جون مکڙيون ٽڙي گُل ٿي ٿئي پيون
جن جي سنجوڳ ۾ زندگي
ڄڻ تہ قوس قزا ست رنگي
۽ ٿي هر موسم لڳي ست رنگي
چارسو هئا گِيت ۽ ڄڻ نغمگي
سي پوپٽن جي پرن جهڙيون رنگين رونقون
نيٽن جي ماٽڪين ۾ اٽڪي پيل
سي سندر سپني جهڙيون ساعتون
لڙڪن سان گڏ وهائي ڇڏيون
اهو ممڪن نہ آ جو وساري ڇڏيون،

پاڻ ڇوڪريون بہ ڄڻ تہ آهيون ڍنڍ جا پکي
وقت جي واءُ ۾
ڪائي ڪاٿي اڏي، ڪائي ڪاٿي اڏي
پنهنجي پنهنجي آهيري ۾ گم ٿي وئي
هاٽي جي ملون تا ڪٿي قسمتي
ٿين آليون اکيون ۽ پئون تا کلي
معصوم دلڪش ۽ وهي من چلي
جا ماضيءَ جي نظر ٿي وئي
مٽيءَ جا ٿانوَ ۽ ڪپڙي جون گڏيون
منهن منهن ۾ ڏيئي ڪيل ڪچهريون
ساري گذريل زمانا تا محظوظ ٿيون
نانيڻ جا فسانا ڪهاڻيون قصا
جيون جي باب مان سڀ مٽائي ڇڏيون
سيڪجهہ ها سيڪجهہ وساري ڇڏيون
اهو ممڪن نہ آ،
اهو ممڪن نہ آ.



## ماڻ وکري ويندس

### ڄاڻ سُڃاڻ

| | | |
|---|---|---|
| قلمي نالو | : | زيب ڪنگو |
| ڇني جو نالو | : | اورنگزيب |
| پيءُ جو نالو | : | قادر ڏنو خان |
| ذات | : | ڪنگو |
| جنم جي تاريخ | : | 01 مارچ 1960ع |
| جنم ڀومي | : | جنم جو ڀومي : ڳوٺ ڪنگا تعلقو لاڙڪاڻو |
| تعليم | : | تعليم : گريجوئيٽ |
| ڪرت | : | جيل سپرينٽينڊنٽ عهدي تان 2020ع ۾ رٽائرڊ |
| شاعري جي شروعات | : | 1990ع کان |
| لکيل صنفون | : | گيت، غزل، وائي، نظم، چؤسٽو، ٽيڙو، وغيره |
| ڇپيل ڪتاب | : | احساس جون ڪتڪتايون، خواب رقص ۾، ۽ گڏيل ڪتابن ۾، سونهن جا همسفر، شاعري ڳالهائي ٿي، ڏيل ڏنگي ٿي ذات، موتين مالها شاعري، ۾ شامل. |
| اڻ ڇپيل مواد | : | ٻن ڪتابن جيترو |
| رهائش | : | ڳوٺ ڪنگا تعلقو لاڙڪاڻو، ضلعو لاڙڪاڻو |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايتـــرو انتظـــار كـــنهن جـــي لئـــ،
اڻ ميـــو هـــي پيـــار كـــنهن جـــي لئـــ.

يـــاد كـــنهن كـــي كـــري رنـــو آهـــين،
اڪ اتئـــي اشـــڪبار ڪنهنجـــي لئـــ.

هـــر گهـــڙي در مجهـــان نهـــارين تـــو،
دل ڪئـــي بيقـــرار كـــنهن جـــي لئـــ.

پيـــار درياهـــ مـــان وجـــي گـــذري،
عشـــق آهـــي اپـــار ڪنهنجـــي لئـــ.

مـــوت جـــو وقـــت يـــار آ مقـــرر،
ســـاهہ تـــي اعتبـــار كـــنهن جـــي لئـــ.

كـــو تـــہ احســـاس دل ڏكـــائي تـــو،
كـــو جيئـــي بـــار بـــار ڪنهنجـــي لئـــ.

هـــو رهيـــو كـــين ســـاڳيو هـــاڻي،
تـــو كٽـــين ”زيـــب“ آر كـــنهن جـــي لئـــ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون جي ٿيندي ڏار تہ مان وڪري ويندس،
ڪِڪَ پن ٿي او يار، تہ مان وڪري ويندس.

درد ڪٽي آنءُ اڪيلو ويندس اڏي،
هوندا سر تي بار تہ مان وڪري ويندس.

ويچا پنهنجي وچ ۾ هاٽي ٿيندا ڏِسُ،
تون نہ لڌي سنيار تہ مان وڪري ويندس.

ٿوري ٿوري تي چو رسندو آهين تون،
ڏيندين جي آزار تہ مان وڪري ويندس.

دشمن ڪي پي وارو ملندو ڳالهين جو،
ڪلندو هي سنسار تہ مان وڪري ويندس.

”زيب“ اچي مان وينس جنهن جي پاڙي ۾،
هو بہ ڪري تڪرار تہ مان وڪري ويندس.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تـو لئـہ ڪجھـہ ويچـار ٻـہ ٿـي ھـا،
تنھنجـا پـر مِعيـارَ ٻــہ ٿــي ھــا.

گلدســتو ھــو منھنجــي ھــٿ ۾،
تـو وٽ ڪـنھن لئـہ ھـار ٻـہ ٿـي ھـا.

مـرڪن سـان گڏ ڪيـر ڏسـي ھـي،
ڳـل تــي لــڙڪن لارَ ٻــہ ٿــي ھــا.

ٽُڪــرن ۾ ھــو چھــرو منھنجــو،
آئينــــي ۾ ڏار ٻــــ ٿــــي ھــــا.

وقـت ڪـري ويـو ويسـاھ گھـاتي،
ســر تــي بچيــا وار ٻــہ ٿــي ھــا.

تنھنجــو غــم تــو تڙپــائي نــہ تــہ،
مـون ڪـي ٻـي ڪـم ڪـار ٻـہ ٿـي ھـا.

”زيــب“ اڪيلــو واجھــائي تــو،
ھُـن سـان ھُـن جـا يـار ٻـہ ٿـي ھـا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوشين جو ماحول ڪٿي آ،
ٻاراڻو هو ٻول ڪٿي آ.

چين ويو اڄ ڪاڏي دل جو،
جيجل تنهنجو جهول ڪٿي آ.

جيئڻ مرڻ تا ماڻهون سنڌ ۾،
جيون هت انمول ڪٿي آ.

رات ويو هو ڪوئي ڪنيجي،
ميڊيا ۾ چئوٻول ڪٿي آ.

ڪين وري هو ملڻو هاڻي،
”زيب“ وڃي تون ڳول ڪٿي آ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عاشقي هڪ جاءِ تي بيهي نہ ٿي،
دل ڇري هڪ جاءِ تي بيهي نہ ٿي.

هن ڪناري هُن ڪناري تي ڦري،
ڇو سڀڳي هڪ جاءِ تي بيهي نہ ٿي.

در درين مان تي اچي پائي ليئا،
روشني هڪ جاءِ تي بيهي نہ ٿي.

ڇير ڪنهن جي لئہ ٻڌي نچندي وتي،
نرتڪي هڪ جاءِ تي بيهي نہ ٿي.

همسفر تي "زيب" سان گڏ تي رلي،
زندگي هڪ جاءِ تي بيهي نہ ٿي.



## خاموشي جو ڪول

### ڄاڻ سڃاڻ

| | | |
|---|---|---|
| قلمي نالو | : | زين ڪوسو |
| ڇني جو نالو | : | زين العابدين |
| پيءُ جو نالو | : | مينهون خان |
| ذات | : | ڪوسو |
| جنم جي تاريخ | : | 5 سيپٽمبر 1971ع |
| جنم ڀومي | : | ڳوٺ چينجاڻي، جوهي |
| تعليم | : | ايم اي ۽ ايل ايل بي |
| ڪرت | : | سرڪاري ملازم |
| شاعري جي شروعات | : | 87/1986ع کان |
| لکيل صنفون | : | گيت، غزل، وائي، چوسٽو، بيت، ٽيڙو وغيره |
| ڇپيل ڪتاب | : | وڻ وڻ منجهان واس، جوهي جا جرقل (گڏيل شاعري/مرتبڪار) وائيون مهڪيون واٽ تي، سوچن پنڌ ڪيو، سخنور سنڌ ڌرتي جا، اجريل عڪس اندر جا، اکيون پسي آئيون (گڏيل شاعري |
| اڻ ڇپيل مواد | : | ٻن ڪتابن جيترو |
| رهائش | : | ڳوٺ چينجاڻي، تعلقه جوهي، ضلع دادو |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جـوين جـڙ كـــي ڏيــنهن ٻـــ ٿـــي،
گـــذري ويـــا ســـي ڏيــنهن ٻـــ ٿـــي.

ڏرتـــي كـــي چاهـــت ريـــج ڏئـــي،
هركـــو ٻـــج چٽـــي ڏيــنهن ٻـــ ٿـــي.

ڏاريـــا پجنـــدا ڏرتـــي چـــاوا،
جـــاڳي پيـــا جـــي ڏيــنهن ٻـــ ٿـــي.

چـــا ٿيندو عاشق جـو جنهن كـان،
مكـڙو محـب مٽـي ڏيـنهن ٻـــ ٿـــي.

دردن جـــون كـــاريون راتيـــون،
خوشـــين جـــا هـــي ڏيــنهن ٻـــ ٿـــي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهلڪ هڪ غمن جا ڇڏيا ڏيـر ڇـاٽي،
هـوا جـو ڪـو جهونڪـو جئين ٻيـر ڇـاٽي.

لڳيـون تهمتـون مـون مٿـان ڪـوڙ لـيڪن،
حقيقـت جـي ڇـاٽي منجهـان ڪيـر ڇـاٽي.

ڪلـي خـوش ٿـي مونسـان ملـن تـا بظـاهر،
مگـر ڪونـہ دل مـان سـگهيا ميـر ڇـاٽي.

رکـي طـالبن تـي غلاظـت جـون نظـرون،
گنـاهن جـا واعـظ پيـو ڏيـر ڇـاٽي.

حيـاتي ڪـي جـاني بقـا نـاهي هونـدي،
ڪيـون ”زيـن“ محبـت ڇڏيون ويـر ڇـاٽي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چـــوڏاري چوٻـــول،
ڏرتـي ڪسـڪي ٿـي پئـي.

مالـــڪ ٻڌيـــا ڏاريـــا،
هيٺـــائي جـــا هـــول،
ڏرتـي ڪسـڪي ٿـي پئـي.

غيـــرت آ ســـڪرات ۾،
ڊرڪـــي پيـــا ڇـــو ڊول،
ڏرتـي ڪسـڪي ٿـي پئـي.

جـــاڳي ســـيئي ٿوڙيـــو،
خاموشـــي جـــو ڪـــول،
ڏرتـي ڪسـڪي ٿـي پئـي.

ڏوڪـــي آيـــا ڏاريـــا،
قـــابض ٿـــين پيـــا رول،
ڏرتـي ڪسـڪي ٿـي پئـي.

خطـــرو آ ٻـــوليءَ ڪـــي،
لـــب تـــي ٻـــين جـا ٻـول،
ڏرتـي ڪسـڪي ٿـي پئـي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساري جوين ڏينهن،
سڏڪي پيئي سانوري.

ور گهاري پرڏيهه ۾،
ڪاٽي ڏکيا ڏينهن،
سڏڪي پيئي سانوري.

مارن عزت واسطي،
قربان ڪري نينهن.
سڏڪي پيئي سانوري.

اهنجن تس روئاريو،
ٻيو نهٺي هن نينهن،
سڏڪي پيئي سانوري.

ننڍي هوندي نينگري،
ڪلهي چڙهي شينهن،
سڏڪي پيئي سانوري.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هــن تــ آ حــد ڪــري ڇــڏي،
دل اڏو اڏ ڪـــــري ڇـــــڏي.

عشــق طوفــان تـــي گهليـــو،
ســوچ گهــٽ وڌ ڪــري ڇــڏي.

مــرڪ مــڪ تـي ڪلـي ڏسـي،
مــاڪي هــن مــڌ ڪــري ڇــڏي.

مــون ڪئــي ڳالهــ پيــار جـي،
هــن تــ شــد مــد ڪــري ڇــڏي.

گهــور هــن تــان هٿــي نٿــي،
اڪ بــ ڏس حــد ڪــري ڇــڏي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



## سکير مون کي سڏي

### ڄاڻ سُڃاڻ

| | | |
|---|---|---|
| قلمي نالو | : | سحر پرھ سنڌو |
| ڇني جو نالو | : | ياسمين سحر |
| مڙس جو نالو | : | عبداللطيف |
| پيءُ جو نالو | : | دوست محمد |
| ذات | : | سولنگي |
| جنم جي تاريخ | : | 15 جنوري 1977ع |
| جنم ڀومي | : | رتوديرو |
| تعليم | : | بي اي |
| لکڻ جي شروعات | : | 1997ع کان |
| لکيل صنفون | : | غزل، نثري نظم وغيره |
| ڇپيل ڪتاب | : | ڪو بہ نہ |
| اڻ ڇپيل مواد | : | ٽئن ڪتابن جيترو |
| رھائش | : | نئون ديرو ضلعو لاڙڪاڻو |

## انتظاري

ايئن
بہ ناهي
تہ
توکي پنهنجو
چئي
توتي پنهنجو حق
جتائيندس
ڇوجو مان ڄاڻان ٿي
منهنجا سائين
تنهنجو وجود
اڄ بہ
ڪنهن ٻي وٽ گروي پيو آ
جنهن جي
زلفن جي زنجير
توکي اڄ بہ پياري آ
توسان
ڪيڏو بہ ڪٽي پيار ڪجي
توکي اڄ بہ ان جي انتظاري آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهڪشان جو سفر هي ستارن سندو،
تي هوا ۾ اُڏان هورڙيان هورڙيان.

تون تہ منهنجي تخيل جو عنوان تين،
مون لکيا پئي قطعا هورڙيان هورڙيان.

پهريان پارس تي مون ڪي چو سونو ڪيئہ،
پو ڪيئہ تي ذرا هورڙيان هورڙيان.

شال سپنا هي سايبان بہ بڻجي پون،
تنهنجي ڪارڻ ڏنا هورڙيان هورڙيان.

هاڻ هُن جي سڏن ڪي بہ محسوس ڪيو،
هو جا ڏي پئي صدا هورڙيان هورڙيان.

هل تہ گڏجي هوائن سان اڏري هلون،
چنڊ چوڏس ڏسان هورڙيان هورڙيان.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪير مون کي سڏي

ڪير آهي جو مون کي سڏي
جڏهن چُپ جي چادر پائي
اکيون بند ڪري
انتظار جي سولي تي
پنهنجي زندگي جي
فيصلي جو انتظار ڪيان
۽ اهو دل ۾ گمان ڪيان
تہ شايد
ڪير مون کي سڏي
پر شايد
اهو منهنجو وهم آهي
جيستائين
مان ڪنهن کي نہ سڏيان
ڪو بہ مون کي نہ سڏي
ڪو بہ مون کان نہ پڇي
ڪيئن تي جيان
هن جهان ۾
ڪنهن من ۾ اچي
مانڊ مچائي
اي ”سحر“ تون
سڏ ڪنهن کي
تہ ڪو توکي سڏي
تون چُپ چو آهين.؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**دل تي دستڪ جاري آ**

هوريان هوريان دل تي دستڪ
اڄ بہ هن جي جاري آ
ڪيئن.؟
ڇو جو
پيار نٿو گهٽجي
اقرار نٿو گهٽجي
اظهار نٿو گهٽجي
انتظار نٿو گهٽجي
ڇو جو
دل تي دستڪ جاري آ
جي توسان ملڻ مشڪل
احساس پلڻ مشڪل
نيڻن جون ڇلانگون هن
۽ دل جو جهلڻ مشڪل
مان هار مڃي آهي
هي سور سهڻ مشڪل
ڇو جو
دل تي دستڪ جاري آ
آزاد فضائن ۾
نيڻن ڪي ڇڏيو آهي
۽ سڪ جا پلجي پئي

اڏمن کي ڇڏيو آهي
توسان جي ملن هيڪر
ساهن کي ڇڏيو آهي
ڇو جو
دل تي دستڪ جاري آ
تنهنجا بہ قسم آهن
منهنجا بہ قسم آهن
پورا بہ ڪيون ٻئي
ٻنهي جا وچن آهن
۽ ساٿ ڏيڻ خاطر
ڪنيا ڪي قدم آهن
پر ياد رکجان دلبر
ڪجھ پنهنجا ڀرم آهن
ڇو جو
دل تي دستڪ جاري آ
”سحر“ کي سڏين ٿو ڇا.؟
ڪا تسبيح
پڙهين ٿو ڇا.؟
اکين کي ڪري بند
ڪو خواب اڻين ٿو ڇا؟
آواز ٻڌين ٿو ڇا ؟
ورلاپ سٽين ٿو ڇا؟
بس حد بندي ڪر ڪا
ڪي روح ڳڏين ٿو ڇا.؟
ڇو جو دل تي
دستڪ جاري آ
دل تي دستڪ جاري آ.
تون زنده مرڻ ڇو ٿي چاهين.؟


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



## چاليهم بهارون

### ڄاڻ سڃاڻ

| | | |
|---|---|---|
| قلمي نالو | : | سردار خاتون جمالي |
| ڇني جو نالو | : | سردار خاتون |
| پيءُ جو نالو | : | محمد عالم |
| ذات | : | جمالي |
| جنم جي تاريخ | : | 1979ع |
| جنم يومي | : | ڳوٺ مولوي علي حيدر جمالي، مٽياري |
| تعليم | : | ايم اي سنڌي، بي ايڊ، ايم ايڊ |
| ڪرت | : | استاد |
| لکڻ جي شروعات | : | 2021ع |
| لکيل صنفون | : | شاعري، ڪهاڻيون ۽ ڪالم |
| ڇپيل ڪتاب | : | ڪو بہ نہ |
| اڻ ڇپيل مواد | : | هڪ ڪتاب جو |
| رهائش | : | حيدرآباد، سنڌ |

## عورت سان خطاب

اي راڻي! تون ڪهڙي ديس ۾ رهين ٿي؟
هن ديس جا باشندا
تنهنجا ويري آهن.

اي راڻي! تون جنهن قيد ۾ رهين ٿي،
هن قيد جو هر رستو
ڦاهي گهاٽ ڏانهن وڃي ٿو.

اي راڻي! توکي هي زنجيرون ڪنهن پارايون؟
تون تہ ڏيئو بنجي
هن گهر کي روشن ڪرڻ جو
عهد ڪيو هو.

اي راڻي! ڪلي عام تنهنجي
تذليل ڪندي
هن جو زبان
ڇو نہ ڏکيو هو.؟

اي راڻي! تون سونهن آهين
سنڌ جي،
تنهنجي نازڪ دل کي
ڪنهن نپوڙيو آ.؟

اي راڻي! "سردار" جو توسان واعدو آ،
تنهنجي وشواس ۽ سونهن
توکي موٽائڻي آ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## چاليهہ بهارون

چاليهہ بهارن کان پوءِ "خاتون"،
جڏهن شعور جي اک کوليم.
دنيا ڏٺم،
ڏکهو ۽ ٽٽل ساهہ کنيم،
اندر ۾ ڦٿڪندڙ پکي جي
پنجري جي در
کولي ڇڏيم.
دل ۾ قيد نفرت جي
جي هر پکي کي آزاد ڪري ڇڏيم
۽ روح کي ڏاڍي راحت مليم.

❖

## نہ مون جهڙو ماڻهو مون کي

صبح صبح اک کلي تہ
هيڏانهن هوڏانهن نهاريم
دل جي دفتر جي
حاضري پريم.
بئي کنهن کي حاضر نہ
ڏسي،
آفس جي ڦرٽي
ڪرسي تي ويهي،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊائري کولي ڪجھ لکڻ جي لاءِ
پين ڏانھن واجھايم،
پر سندس بہ مس ختم ھئي،
بلڪل خالي ھئي
مھنجي دل جي
ھن دفتر وانگر،
سوچيم تہ
آواز ڏيان ڪنھن چوڪيدار کي يا
پٽيوالي کي.
گھڻو ئي گھنٽي وڄايم
پر ڪنھن ٻڌو ئي نہ،
جي ميڊم! چئي،
ڪوئي حاضر ٿيوئي نہ.
بلڪل ويراني آھي،
ايئن ناھي تہ ڪو وجود ئي
ناھي ھتي،
ٻاھرين دنيا ۾ وڏو ھجوم آھي.
پر مھنجي من اندر جو
دفتر بلڪل خالي آھي .
ان جو سبب ڇا آھي؟؟
ان جو سبب مھنجي سوچ آھي،
مھنجي لوچ آھي،
منھنجي ساڃاھ آھي،
مھنجي سچائي آھي،
نہ مون ۾ دغا آھي،
نہ دولاب آھي،
نہ ڏيکاءُ آھي .
نہ مون جھڙو مليو مونکي
۽ نہ ئي ملڻ جي ڪا اميد آھي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيقراريون

مون توکي اجان
ٻڌڻ تي چاهيو
مون توکي
مسلسل ڏسڻ تي چاهيو
مون توکي
ڇهي محسوس ڪرڻ تي چاهيو
مون تنهنجو درد
پهنجي اندر ۾ اوتڻ تي چاهيو
تون حقيقت آهين  يا ڪوئي
خواب.؟
جي خواب آهين تہ
مون توکي
هر وقت ننڊ ۽ جاڳ ۾
پسڻ تي چاهيو
مون چاهيو تي تہ وقت منجمند تي وڃي
تون ۽ مان بت بڻجي وڃون
پر ديوار تي لڳل گهڙيال جي ٽڪ ٽڪ
مونکي روڪي تي ڇڏيو
ان موضوع کي ڇيڙڻ کان
چيائين تہ
نہ ڇيڙ هن قصي کي
بس انتظار ڪر
”خاتون“ وقت بدلجندو وري بهارون ايندون
بيقراريون ويندون قرار ملندو
تيستائين خاموش رهہ
ها تيستائين خاموش رهہ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## زندان جي جهروڪن مان

هو ملي هئي مونکي،
ڪلھ ڪجھ پلن لاءِ.
چيائين تہ
مون هاڻي
زندان جي جهروڪن مان
ليئو پائڻ ڇڏي ڏنو آهي.
الائي ڇا هو هن جي لفظن ۾
مان سمجهڻ
جي دعوي ي ڪريان
پر
سماجي بندشن ۾ جڪڙيل هن نياڻي جي درد کي مون
محسوس ڪيو هو.
ان احساسن جي جنگ ۾
منهنجي دل چيرجي وئي.
رت ڦڙا ڦڙا ٿي وهڻ لڳو.
پنهنجي وجود کي
ريزا ريزا ٿيندي ڏٺم.
پهنجو پاڻ ڍهندي ڏٺم.
جڻ تہ واريءَ جو گهر هجان،
جنهن لاءِ سمنڊ جي هڪ ڇوليءَ ئي ڪافي هجي.
سڀ ڪجھ پل ۾ ڍهي پٽ تي پيو
پهنجي زخمي احساسن کي
سنيالي "سردار" اڇي گهر پيڙي تي هُيس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



## سنڌڙي جو اپياس

### ڄاڻ سُڃاڻ

| | | |
|---|---|---|
| قلمي نالو | : | سوز جتوئي |
| ڄڻي جو نالو | : | سبحان علي |
| پيءُ جو نالو | : | محمد جعفر |
| ذات | : | جتوئي |
| جنم جي تاريخ | : | 16 مئي 1972ع |
| جنم ڀومي | : | ڳوٺ نوڙها تعلقہ مورو ضلع نوشهروفيروز |
| تعليم | : | انٽر |
| ڪرت | : | سنڌ پوليس |
| شاعري جي شروعات | : | 1986ع کان |
| لکيل صنفون | : | گيت، غزل، ڪافي، وائي، بيت، چوسٽو، ٽيڙو وغيره |
| ڇپيل ڪتاب | : | گڏيل شاعراڻي ڪتاب ”سک نہ ستا ڪڏهن“ ۾ حصو ورتل |
| اڻ ڇپيل مواد | : | گنج |
| رهائش | : | ڳوٺ نوڙها تعلقہ مورو ضلع نوشهروفيروز |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ جا نہ تي سنڌ لئہ لکي تنهن ڏات کي تالا هڻو،
ان ڏينهن کي تالا هڻون ان رات کي تالا هڻو.

مظلوم جي جا خون سان جوڙي وئي آهي جتي،
تنهن شهر جي ان گهر گهٽي محلات کي تالا هڻو.

جي سنڌ جا آهيو ٻچا جاتي هجو جئن پيي هجو،
سنڌي سڏايو هوش کيو بس ذات کي تالا هڻو.

شرمندگي تاريخ جي اي ديس جا دودا نہ ڪڻ،
سجدا ڪيو سوَ سنڌ کي عرفات کي تالا هڻو.

قطبہ لڳن تنهنجي قبر تي سنڌ جي شهداءَ جا،
ماريو مرو اڳتي وڌو فڪرات کي تالا هڻو.

اي ”سوز“ پنهنجي قوم جون غلطيو پني پويان اُڇل،
پنهنجا ڪني ڪلئي ڪيو جذبات تي تالا هڻو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توسان پيار ڪرڻو آهي نقصان ٿئي ته ٿئي،
گهر ٻار سر سڄڻ جي قربان ٿئي ته ٿئي.

حضرِ حيات مون ڪي گهرجي نه ٿي مسيحا،
پل سونهن جو جي هِڪڙو مهمان ٿئي ته ٿئي.

ڪيڏا ذري ذري ڏس ٿي واءُ ناهي چوڙا،
زلفن ڪي چوڙ تون ڀي طوفان ٿئي ته ٿئي.

مون لئه دوا ۽ دارون دلدار يار تون آن،
جڳ لئه وجي مسيحا لقمان ٿئي ته ٿئي.

ڇا ڇا ڪتب صحيفه لفظن ۾ ڪو نه لکيو،
هن عشق ۾ جي ڪافر ”سبحان“ ٿئي ته ٿئي.

رسمِ وفا نيائي ڪر ”سوز“ جو تدارڪ،
پنهنجي ملڻ جو جڳ ڪي نقصان ٿئي ته ٿئي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيـاريو جـام کـو سـاقي پيـئڻ جـو شـوق جـاڳيو آ،
گهـڙي کـا درد کـان آجـي ٿيـئڻ جـو شـوق جـاڳيو آ.

مجان ٿـو مـان پيـئڻ سـان راز دل ايندا زبـان تـي هـن،
نشـابر نيـنهن ۾ اڄ تـي نچـڻ جـو شـوق جـاڳيو آ.

ٿـو سمجهان سيج سُـوري کـي چڙهيم آراهـ جـو الـکو،
پتنـگ پـروان تـي جـڳ ۾ جلـڻ شـوق جـاڳيو آ.

نہ دل غمناک کـان هـک پـل پـري غـم جـو ٿيـو پاچو،
پرهـ کـا پيـار جـي ايـري ڏسـڻ شـوق جـاڳيو آ.

ملامت لـوک کـان جيکـو ڏنـو نيـهن کنـدو کـهڙو،
انهـي پـوَ کـي پـجـي پـورا کـرڻ شـوق جـاڳيو آ.

متان کـو "سـوز" کـي سـمجهي سـتارن جـو سـلامي آ،
هتـي افـلاک کـان اڳـتـي وجـڻ جـو شـوق جـاڳيو آ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مفلسي منهن تي چماٽون ٿي هڻي،
زندگي منهن تي چماٽون ٿي هڻي.

تو سوا جيڪا اچي ٿي او پرين،
سا خوشي منهن تي چماٽون ٿي هڻي.

نفرتن جي هڙ ٻڏي هڙني رکي،
ڀائپي منهن تي چماٽون ٿي هڻي.

ڇا ڪيو ٿئي هيل تائين قوم لئہ،
رهبري منهن تي چماٽون ٿي هڻي.

تو ڪجي ڏاريو اسان کي ديس ۾،
بيوسي منهن تي چماٽون ٿي هڻي.

ڇڏ لفاظي ”سوز“ تنهنجي آ فقط،
شاعري منهن تي چماٽون ٿي هڻي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيسا وني پيءُ،
پوڙهي سان پرڻائي آ،
پنهنجي ننڍڙي ڌيءُ.

❖

ڄاڻي نه تو درد،
عورت جي احساس جو،
پوءِ ٻه سڏجي مرد.

❖

چولو چار چتيون،
جوڳياڻي جي جيءَ لئه،
کهڙا چيٺ ڪتيون.

❖

رات ٻه ماءُ رني،
ٻڪئي پيٺ ٻچا سُتا،
چڙهي ڪا نه ڪُني.

❖

سنڌڙي جو اپياس،
ڪري روئندو رهيو،
ڪوئي پونءِ شناس.

❖

هي جي مينهن ڪٽيون،
سچ پچ مون ڪي سانوري،
تو ٻِن ڪِينَ وٽيون.

❖

سوچون ڪيري چِپ،
ٻيڙي هٿ ٻڌي گهري،
ڏيو ڪا اتي لپ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



## جاڳ جي آخري حد تي

**ڄاڻ سڃاڻ**

| | | |
|---|---|---|
| قلمي نالو | : | شگفتہ جبين |
| ڄڻي جو نالو | : | شگفتہ جبين |
| پيءُ جو نالو | : | لعل بخش |
| ذات | : | لاشاري |
| جنم جي تاريخ | : | 25 نومبر |
| جنم ڀومي | : | ميرپور خاص |
| تعليم | : | بي اي ايم ايڊ |
| ڪرت | : | استاد |
| شاعري جي شروعات | : | 1990ع کان |
| لکيل صنفون | : | شاعري ۽ ڪهاڻيون |
| ڇپيل ڪتاب | : | خوابن جي خودڪشي (شاعري) ڪوڙ جي ڪوهيڙي ۾ لکيل ڦهريون سچ (ڪهاڻيون) |
| اڻ ڇپيل مواد | : | ٻن ڪتابن جيترو |
| رهائش | : | ميرپور خاص |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## امڪان

اهو ڄاڻيندي ته
يقين ۽ گمان جي وچوٽي ۾
صدين جا فاصلا لڪيل آهن
پوءِ به
نه ڄاڻ ڇو
عمر روان جي آخري ڏاڪي تي
اندر ۾ رهجي ويل ڪا
اڻپوري اميد
ڪنهن اوچتي ٿيندڙ امڪان
جي درن تي
هميشه دستڪون ڏيندي ٿي رهي.

❖

## اڻنگو سچ

تون ڄاڻين ٿو.؟
جڏهن اڪيلائي منهنجي آس پاس
حرفتي ۽ ڍونگي
لفظن جا انبار ڪٽي
منهنجي سامهون ٿيندي آهي
اُن پل اڻنگو ۽ اڻوٽندڙ سچ
منهنجي اندر ۾
مهر و عطا
ڪان سود و زيان
تائين جي ڳُجهه ڪي پروڙڻ ۽ ڳولهڻ لاءِ
هڪ نه کُٽندڙ
قيد با مشقت جي سزا ڪاٽي رهيو هوندو آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## خواب

جنهن پل تو
ننڊ جي آخري پهر واري
اڻ ڏٺل آسودگي کي محسوس پئي ڪيو
تنهن پل.
جاڳ جي آخري حد تي
منهنجي اکين جي گهاٽي جهنگ ۾
منهنجا زنده خواب خيما کوڙي
پنڌ ۽ پيرن جي
فاصلي جو ڪٿ لڳائيندا آهن.

❖

## زندگي

سرمئي شام جي ميرانجهڙي
۾ ڪلونز جي خوابناڪ مهڪ
فينسي لائيٽن جي تيز
روشني آوازن جو شور
ڪجهه به صاف ٻڌڻ ۾ نٿو اچي
بس سڀ ڪو پنهنجي واري جي
انتظار ۾
هر سيشن مرحلي وار
هر شيء جي ترتيب شاندار
سواءِ
پينافليڪس تي لکيل انهن لفظن جي ته



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تين دنيا جو استحصال“
۽ ان جو حل
پر ريڍ زون جي هن پار
زندگي
هر ترتيب کان بي خبر
اونداهه جي گهري گفا ۾
جيئڻ ۽ مرڻ جو پنڌ ماپي
آسمان تان لٿل
ڪنهن خوبصورت خواب
جي اوسيئڙي ۾
پنهنجي حصي ۾ آيل
ننڊ کي ڳولي رهي آهي.

❖

## منزل جو فريب

ڪڏهن ڪڏهن
ڪيڏو نه مشڪل ٿي پوندو آهي
صبح ازل کان زندگي جي آخري
شام تائين
بي سبب ۽ بي معني سوالن جا
بند چپن ۾ قيد رهجي ويل جواب ڏيڻ
ڪڏهن ڪڏهن
ڪيڏو نه مشڪل ٿي پوندو آهي
ياڳ اياڳ جي
ريکائن ۾
ورچيل ورهايل يا شايد هميشه لاءِ
پنهنجي وڃايل وجود کي ڳولڻ
ڪڏهن ڪڏهن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڏو نہ مشڪل تي پوندو آهي
هيڏي وشال جيون بن ۾
زندگي
جڏهن اسان جي پيرن هيٺان
پل صراط جو پنڌ پوکي
صبر ۽ اجر جي ٻہ واٽي تي بيهاري
منزل جو فريب ڏيندي آهي
تہ
ڪڏهن ڪڏهن
ڪيڏو نہ مشڪل تي پوندو آهي.

❖

**بيوسي**

هن آخري شام
گل مهر مان
ڇڻندڙ  ڇانوَ هيٺيان
اسان جي اکين ۾
لکيل ڪاري پاڻي جي
لامحدود سمنڊ
کان
هڪ هلڪي گڏيل ٿهڪ تائين جي وٿيءَ ۾
اڻ چيل اڻ ٻڌل
لفظن جون ميارون
آرڪيسٽرا جي اداس
ڌن ۾
هوريان هوريان
فيڊ آئوٽ ٿينديون پيون ويون.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڊسمبر حيران آهي

هيل بہ ڊسمبر حيران آهي
تہ
شهر جي ڊنل هيسيل دک جي
سرزمين تي
بي وسي پنهنجا پنڌ ماپيندي رهي
۽ اسان جي وچ ۾
بي حسي جو سرد ڪوهيڙو
هميشہ جيان
وقت تي دانهيندو رهيو
اهو ڄاڻيندي تہ
وقت جي قيد مان ڪو بہ آزاد ناهي
تڏهن تہ
خوف ۾ ورتل خوابن ڪي
ڪٿي بہ پناهہ ناهي ملي سگهي
هميشہ جيان
اداس رستن جي رولاڪي جو درد
اڄ بہ ساڳيو آهي تہ
جڏهن اڻپورن لفظن
اڻپورن لهجن ۾
بي يقيني برف جيان ڄمي وڃي
تہ تڪل مسافتن ۾هميشہ
اڪيلائي ساڻ هلندي آهي
هيل ڪجھہ بہ ناهي بدليو
اڄ بہ
اڌورين آشائن جو بار ڪٽي
ڊسمبر حيران آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



## عاجزي ساڻ ڏي

### ڄاڻ سُڃاڻ

| | | |
|---|---|---|
| قلمي نالو | : | عاجز عبدالحميد |
| ڄڻي جو نالو | : | عبدالحميد |
| پيءُ جو نالو | : | ڀولا |
| ذات | : | جت |
| جنم جي تاريخ | : | 14 آگسٽ 1998ع |
| جنم ڀومي | : | حاجي نور محمد ورڪ |
| تعليم | : | ميٽرڪ |
| ڪرت | : | هاري |
| شاعري جي شروعات | : | 2009ع کان |
| لکيل صنفون | : | گيت، غزل، وائي، بيت، چوسٽو وغيره |
| ڇپيل ڪتاب | : | ڪو به نه |
| اڻ ڇپيل مواد | : | هڪ ڪتاب جيترو |
| رهائش | : | ڳوٺ حاجي نور محمد ورڪ |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اجرو سجاد جو من،
بُڇڙو فساد جو من.
مظلوم ڪيد ڪاٽيو،
سڏڪيو حداد جو من.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهـــا حميـــدُ عـــاجز،
ســـڏڪا حميـــد عـــاجز.

تـو سان ڪندو بہ ڪهڙا،
ليڪـــا حميـــد عـــاجز.

تنهنجـــي ڪـــري لتـــاڙي،
شيشـــا حميـــد عـــاجز.

تـــو بِـــن حـــرام سـمجهي،
ســـرما حميـــد عـــاجز.

دل تـي ڪـري ويـو جهـٽ،
قبضـــا حميـــدُ عـــاجز.

تــوکي کهــڙو الکــو ســائين،
تــون ڇــا ڄــاڻي ســڏکو ســائين.

منهنجــي دل تــي تــوکي ڇــاهي،
تنهنجــي دل ۾ دوکــو ســائين.

توکــان ڇــار ڏســي پــو مــون کــي،
مهڻــا ڏينــدو ســيکو ســائين.

دل جــو ”عــاجز“ اظهــار کيــو،
تــو ڇــو کــاڏو پڙکــو ســائين.

چـو ويـرُ  تـي وجـي ڙي،
بـس خيـر تـي وجـي ڙي.

پاڳــل چيــو ٻبــر کــي،
کـو ٻيـر تـي وجـي ڙي.

ڏي پــاءُ پيــار پنهنجــو،
جئن سيرُ تـي وجـي ڙي.

سنڌ ۾ رهي جو "عاجز"،
سو شـيرُ تـي وجـي ڙي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ســـانوري ســـات ڏي،
هــر گهــڙي سـات ڏي.

دشــمنن جــي اڳيـــان،
دوســـــتي ســـــات ڏي.

هــو پلــين نــاز كــن،
ســـــادگي ســـــات ڏي.

ڳــچ لكــڻ تــو گهــران،
شـــاعري ســـــات ڏي.

نــانءُ "عـــاجز" اتـــم،
عـــاجزي ســـــات ڏي.



## خيال جاڳي ٿو

**ڄاڻ سڄاڻ**

| | | |
|---|---|---|
| قلمي نالو | : | عين سحر |
| ڄڻي جو نالو | : | عزيز بيگم |
| پيءُ جو نالو | : | ولي محمد |
| ذات | : | ڪٿپر (ميمڻ) |
| جنم جي تاريخ | : | 15 مارچ |
| جنم ڀومي | : | نئون ديرو |
| تعليم | : | ايم اي ايم ايڊ |
| ڪرت | : | درس و تدريس سان وابسته |
| شاعري جي شروعات | : | 14 سالن جي عمر ۾ پهريون نظم لکيم |
| لکيل صنفون | : | غزل، وائي، آزاد نظم، نثراڻو نظم، پابند نظم، بيت، ڏيڍوٽا، ترويڻيون، چوسٽو، ڪٽيون وغيره |
| ڇپيل ڪتاب | : | درد جي بارش، دشت پيما، دراوڙ دادلي (شاعري) |
| اڻ ڇپيل مواد | : | ڪهاڻين جو هڪ، غزل جا ٻه، نثراڻا ٽڪرا هڪ، نثرا نظم هڪ، شاعري جي مختلف صنفن تي هڪ، ۽ ٻه ناول جا ڪتاب. |
| رهائش | : | نئون ديرو |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان کي آ ملي بي نام بيچيني،
سوا تنهنجي صبح ۽ شام بيچيني.

کڏان مان روح مان کوري قراري ٿيان،
کري مون کي پرين بي آرام بيچين.

رهي ٿي گڏ سدائين ياد تنهنجي ۾،
محبت جي هٽي ٿي هام بيچيني.

اداسي پاڻ جي ظاهر اکيون نہ کن،
"سحر" ٿي ها نہ ايئن بدنام بيچيني.

ڏسن توکي جڏهن منهنجون اکيون آڏو،
وجي ٿي "عين" هي ناکام بيچيني.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تــو درد ڏنـــي هــو روڪيــو ســڏڪن ڪــان،
مــن خــالي نــاهي منهنجــو الڪــن ڪــان.

جيــئڻ جـي وقـت پيــو تــو لئـ مرڻــو هــو،
آجــي ٿــي نـ ســگهيس مــان ڪــٿڪن ڪــان.

رنــج الــم ســڀ رهجــي هــن دل ۾ ويــا،
خوشـيون وسـريون، ٿـي دوري ٿهڪـن ڪـان.

ڇـــا پــاڳ انوڪــو منهنجــو لڪجــي ويــو،
ٿيـون وانـديون نـاهن اڪڙيـون لـڙڪن ڪـان.

ڪــاريهر قــرب ڪڪيــو ڇــڻ هســتي ڪــي،
هيســيل مــان دل ڏرتــيءَ جــي ڏڏڪــن ڪــان.

اهــــڙو ڪهـــــڙو خــــوف هيـــــو اڄ ڇاتـــــل،
ڇرڪـي ڇـو "عـين" هـوا جـي ڪـڙڪن ڪـان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پچـي پچـي تـي کبـاب آ دل،
وچـي وچـي تـي ربـاب آ دل.

اکـــر اکـــر ۾ آ ڏک ســـمايل،
قلـــم کهـــاڻي کتـــاب آ دل.

ســوال تنهنجــا عجيــب آهــن،
تــڏهن بــ ڏينــدي جــواب آ دل.

رکــي رکــي درد تــا اٿــن پيــا،
غمـن ۾ تـي وئـي عـذاب آ دل.

رکيــا لکــائي انــدر ۾ اڏمــا،
”ســحر“ بڻــي لاجــواب آ دل.

درد ڪـــان آ ڪتـــي آچپـــو هـــت،
ڪيـئن ڪـنهن جـو انـدر جـاچبو هـت.

نينگـــري پرٽجـــي ئـــي وجـــي بـــس،
ڪـــت ڏنـــو آ ويـــو راضـــپو هـــت.

مـــاس مـــاڙهو جـــو مـــاڙهو تـــو ڪـــائي،
ڪـــت رهيـــو آ پـــلا مـــاڻهپو هـــت.

آب وڪـــرو ويـــو تـــي ڏٽـــين جـــو،
ڪـــو ڪـــري ڪيـــئن پـــو هـــارپو هـــت.

ڪيـــل دولـــت ســـندو آ ڏســـو پـــل،
تـــو رڪـــي پـــاءُ ناراضـــپو هـــت.

مــن ۾ كيــڏو مــلال جــاڳي تــو،
دل ۾ هكـــڙو خيـــال جـــاڳي تـــو.

كـو نـہ جـنهن جـو جـواب آهـي كـو،
ســو ســدائين ســوال جــاڳي تــو.

ســاهہ جــو سـک سـتل صـدين كـان آ،
درد ئـــــي لازوال جـــــاڳي تـــــو.

ســـور سنســـار ۾ رڳـــو پـــوڳي،
شــخص هــک بــا كمــال جــاڳي تــو.

ميــنهن جهوريــو غريــب جــو جهوپــو،
بيوســـــي ۾ عيـــــال جـــــاڳي تـــــو.

روح راحــت جتـــي ”ســحر“ مــاڻي،
”عـــين“ اتـــڙي جمـــال جـــاڳي تـــو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



## اسان جون اميدون

### ڄاڻ سڃاڻ

| | | |
|---|---|---|
| قلمي نالو | : | گهايل لغاري |
| ڄڻي جو نالو | : | غلام حيدر |
| پيءُ جو نالو | : | فيض محمد |
| ذات | : | لغاري |
| جنم جي تاريخ | : | 15 نومبر 1976ع |
| جنم ڀومي | : | ڳوٺ بچل لغاري |
| تعليم | : | بي اي |
| ڪرت | : | سرڪاري ملازم |
| شاعري جي شروعات | : | 1995ع کان |
| لکيل صنفون | : | غزل، وائي، بيت، نظم، ڪافي وغيره |
| ڇپيل ڪتاب | : | مرتبڪار، امن جو پورٽريٽ، وڻ وڻ منجهان واس ۽ گڏيل شاعراڻي ڪتابن ۾، سنخور سنڌ ڌرتي جا، وجود جو هڳاءُ، وايون مهڪيون واٽ تي، اجريل عڪس وجود جا، جوهي جا جر ڦل، ۾ حصو ورتل |
| اڻ ڇپيل مواد | : | ٻن ڪتابن جيترو |
| رهائش | : | حسين آباد ڪالوني تعلقو جوهي ضلعو دادو |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بتيون ٻاري اوندهہ کي تون ڪڪ زمانا،
زماني جون روشن اکيون رک زمانا.

اسان جي مقدر کي تيلي ڏني وئي،
اسان جون اميدون ٿي ويون رک زمانا.

ننگا تن ڍڪايا نہ ويا غربتن جا،
شرابن تي لتجن پيا لک زمانا.

سموري خدائي انهيءَ ۾ ئي آهي،
حسن کي نگاهن سان تون ٻک زمانا.

ظلم تي براين تي بيواجبين تي،
مان شاعر رکان ٿو ڪڙي اک زمانا.

سچائي جي ڏي ساک کي سات هاڻي،
رکين چو ٿو عيبن تي تون ڪڪ زمانا.

ذهن ۾ غلاظت جي بدبوءِ کان بهتر،
محبت جي خوشبو کي تون مک زمانا.

روئان چو نہ ”گهايل“ انهي درد ۾ مان،
اسان جا جلايا ويا ڪک زمانا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پـــاڻ اوندهـــ ۾ ٻـــري ويندئاســـين،
درد جـــو ســـمنڊ تـــري ويندئاســـين.

يـــار هڪـــڙي ديـــد ڪـــر چاهـــت مـــان،
مـــوت ڏي وينــــدڙ وري ويندئاســـين.

زنـــدگي ڪـــي نفرتـــون ڳـــارين پيـــون،
محبتـــون ڏي نـــہ تـــہ مـــري ويندئاســـين.

پنهنجـــي نيـــڻن جـــو نشـــو پيـــارين ٿـــو،
عمـــر ڀـــر جـــاني ڪـــري ويندئاســـين.

درد وڇـــڙڻ جـــو وڃـــي ٿـــو وڌنـــدو،
جـــي نـــہ گڏياســـين ڳـــري ويندئاســـين.

جـــڳ جمـــائي بـــرف ٿـــو ڳـــالهين ۾،
گـــرم راتـــين ۾ ٺـــري ويندئاســـين.

وقـــت جـــا اعـــزاز ســـمجهي ”گهايـــل“،
تهمـــتن جـــي ڪٽـــي پـــري ويندئاســـين.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دليــون ڦــرجڻ لڳيــون آهــن،
خُوشيون ڦُــرجڻ لڳيــون آهــن.

اسـان جـا چيـٿ زخمـي هــن،
ڪتيــون ڦــرجڻ لڳيــون آهــن.

قصــو ســينگار جــو آهــي،
اکيــون ڦــرجڻ لڳيــون آهــن.

ڪيوسين خيـال رشـتن جـو،
پتيــون ڦــرجڻ لڳيــون آهــن.

ڪپــٽ قــانون ڪــي بنــديو،
بتيــون ڦــرجڻ لڳيــون آهــن.

ڏكاريــل ڏيهــ ۾ آهيــون،
مڱيــون ڦــرجڻ لڳيــون آهــن.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زمانـــــا دل ڊتـــــل آهـــــي،
تـــڏهن مـــون اک پنـــل آهـــي.

گلـــن تـــي مـــاڪ شـــاهد آ،
صـــبح جـــو ٿيـــو قتـــل آهـــي.

اگـــڻ تـــي غـــم ســـتو پيـــو آ،
خوشـــي جـــو منهن لٿـــل آهـــي.

جلايـــو جـــوت جـــا ڏيئـــا،
فضـــا ڪـــاري لٿـــل آهـــي.

خاموشـــي ڪـــي مـــون پٽڪـــايو،
ســـجاڳي ۾ هڪـــل آهـــي.

مصـــيبت ۾ ســـجي خلقـــت،
رياســـت ننـــڊ پيـــل آهـــي.

چـــوان تـــو عشـــق مـــاريو تـــس،
ڏســـو ” گهايـــل“ مئـــل آهـــي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڄڻ سڪ سار سمجهي ٿو،
برهہ جو بار سمجهي ٿو.

اسان جو سونهن کي سجدو،
ملان بيڪار سمجهي ٿو.

زماني لئہ چريا ليڪن،
اسان کي يار سمجهي ٿو.

اسان ڄاڻون سڄڻ ڄاڻي،
ڪٿي سنسار سمجهي ٿو.

محبت ۾ مزو آهي،
اڄوڪو ٻار سمجهي ٿو.

اکين اظهاريو ”گهايل“،
اسان جو پيار سمجهي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



## ماروي جوڻ وڻائون

**ڄاڻ سڃاڻ**

| | | |
|---|---|---|
| قلمي نالو | : | ملڪ غزل |
| ڇني جو نالو | : | ملڪ بلوچ |
| پيءُ جو نالو | : | نواب علي |
| ذات | : | بليلاڻي بلوچ |
| جنم جي تاريخ | : | 01 جنوري |
| جنم ڀومي | : | ڪي اين شاهه |
| تعليم | : | انٽر |
| ڪرت | : | استاد |
| شاعري جي شروعات | : | 2005ع کان |
| لکيل صنفون | : | غـزل، نظـم، وائـي، گيـت، چوسـٽو، نـثري نظـم، ڪهاڻي، ڪالم وغيره |
| ڇپيل ڪتاب | : | ڪو بہ نہ |
| اڻ ڇپيل مواد | : | ڇپائي جي مرحلي ۾ |
| رهائش | : | سيتا روڊ تعلقو خيرپور ناٿن شاهه ضلعو دادو |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ماروي جون وفائون

اسان
موهن جي
دڙي جا
قديمي
قصا هون
اسان مڪلي
جي قبرستان جون
خاموش هوائون
اڄ تائين جيڪي
ٻڌيون ڪنهن
نہ ناهن
اسان مٺل من
جون سي
گهٽيل صدائون
مال ملڪيت نہ موهي
نہ سگهيا هن من کي
اسان مٽي سان ٽيل
اهي ماروي جون وفائون.

ناهہ ڪرائڻ ڪاتي آهي؟
حق سچ آکڻ ڪاتي آهي؟

توکي گهرجي ماني مکيل،
گهر ۾ آڻڻ ڪاتي آهي؟

بيٺي کي سيکو يارُ چوي،
مفلس چاهڻ ڪاتي آهي؟

دم دم ”ملڪہ“ ڏک ڏي دنيا،
سُک سان جالڻ ڪاتي آهي؟

## حياتي جو حق

زندگي
جي منهن
تي لڳل وقت
جي چماٽ جا
اڄ بہ درد جي
دونهاٽيل ڳلن تي
نشان چٽيل آهن
جڏهن
لڙڪ لارون
ڪري
وهندا آهن
تڏهن اهي نشان
اڃان گهرا ٿيندا آهن
تڏهن پنهنجي پورا ٿيل
ياونائن ڪي لفظن ڪي
قلم جي قرب سان
ڪاغذ جي ڪوري سيني
تي سٽي لکندي آهيان
ڪنهنجي واهہ واهہ لاءِ نہ
پر دل تان دردن جو بوجھ هلڪو
ڪرڻ لاءِ حياتي جو حق ادا ٿي ڪيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## موت ٿوري مهلت ڏي

موت ٿوري مهلت ڏي
اڄ ڪجھ وقت پاڻ کي
ڏيڻ ٿي چاهيان
ڪجھ وقت پاڻ سان
رهڻ ٿي چاهيان
ڪجھ پاڻ کان پڇڻ
ڪجھ پاڻ کان ٻڌڻ ٿي چاهيان
ڪجھ اورڻ ٿي چاهيان
ڪجھ پاڻ سان کلڻ ۽
ڪجھ پاڻ سان روئڻ ٿي چاهيان
سڄي زندگي ٻين لاءِ جيئندي
۽ ٻين لاءِ مرندي گذري
پنهنجي ڪڏهن ياد ٻہ نہ آئي
اي موت! ٿوري مهلت ڏي
اڄ ڪجھ وقت پاڻ کي
ڏيڻ ٿي چاهيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## تنهنجي آجيان

هٿ کڻي دعا ۾
خدا کان رڳو
توکي ئي گھريم
دعا پوري ٿي
۽ هٿ خالي رهيا
۽ جهولي لڙڪن سان ڀريل هئي
تڏهن کان دعا گهرڻ
ڇڏي ڏني اٿم
هاڻي هٿ کڻي خدا کان
ڪجھ ناهيان گھرندي
بس پنهنجي لڙڪن جي
موتين کي سنڀالي رکندي آهيان
ان پل لاءِ جڏهن تون
مون کي اڻ گھريو ملندين
تڏهن منهنجي اکين جو
سمنڊ بہ خشڪ ٿي چڪو هوندو
۽ هِن لڙڪن جي موتين سان
تنهنجي آجيان ڪنديس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



## ڇھڇتوتوگھُران

**ڄاڻ سُڃاڻ**

| | | |
|---|---|---|
| قلمي نالو | : | مهراڻ چولياڻي |
| ڄڻي جو نالو | : | مهراڻ خان |
| پيءُ جو نالو | : | بشير احمد |
| ذات | : | چانديو (چولياڻي) |
| جنم جي تاريخ | : | 01 اپريل 1991ع |
| جنم ڀومي | : | وارھ |
| تعليم | : | (B.E) ڪيميڪل انجنيئرنگ، مهراڻ يونيورسٽي ڄامشورو |
| ڪرت | : | پراپرٽي ڪنسلٽنٽ |
| شاعري جي شروعات | : | 2010ع کان |
| لکيل صنفون | : | غزل، نظم، آزاد نظم، نثري نظم ۽ نثر. |
| ڇپيل ڪتاب | : | ڪو بہ نہ |
| اڻ ڇپيل مواد | : | هڪ ڪتاب جيترو |
| رهائش | : | دبئي |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بـک وِگھـي مـارو مـرن تـا بـارِ بـارِ،
تـون اکيلـو طعـام کـائين چـارِ چـارِ.

نيـــتِ اينـــدي تـــارِ چـــولي ســـنڌيارَ،
واهــ وهنــدا، شــاخ ٿينــدي تــارِ تــارِ.

غيـر جيکـو کِـينَ سُـڌري مـات ڏيـس،
قـومَ جـي تـي هـي اجـازت مـارِ مـارِ.

کـون آ سـرکار جـو هـت کـو نظـام،
سـنڌ جـو پـرچم کـٽـي دل نـارِ نـارِ.

کيـــت ۾ آ گاهـــ کيـــڏو ڏس لقـــاءُ،
مـال تـون اُتـڙي وجـي پـل چـارِ چـارِ.

مـــڙس آ کنـــڌارُ بـــاغي تـــون جـــوان،
هـــي جبـــل ۾ مشـــکلاتون ڏارِ ڏارِ.

سنڌ آهـي سـون جـي هـي کـا تـہ کـاڻ،
تـــي کـــري انـــاج کيـــڏو بـارِ بـارِ.

تنهنجـــو هـــي "مهـــراڻ" تينـــدو شـــادباد،
ســـنڌ تنهنجـــا بيـــڙا تينـــدا پـــارِ پـــارِ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تــون تناسُــخ عقيــدي پرســتيءَ ۾ آن،
مــان نــہ ڄاڻــان مــرڻ کــان اڳــي راز کــو.

جــو مــورخ چــون پيــا اهــو مــان مجــان؟
هــي عقــل يــي تــہ ڏي تــو آواز کــو.

جــيءَ جــاوا نتــا تــي ســگهن جيئــڙا،
ڏس گجــي آســمان ۾ تــو ســاز کــو.

هــو خــدا ئــي تــہ آهــي خــدا جــو قســم،
جــنهن لکــايو قيامــت جــو آغــاز کــو.

روح ويـنـدو جهتــي کــنهن چــوري جيــان،
هــت ڦــري مــوت جــو تــو ســدا بــاز کــو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چانــدني رات ۾ ڇهڇتــو تــو گهــران،
پنهنجي لبڙن تي تنهنجو ڳِتو تو گهران.

طعــامُ آهــي پيــو پــر پــري آ گهٽــو،
پيــٽُ آهــي بکايــل مُتــو تــو گهُــران.

مــون نــہ خــواهش ڪئي آهــي سمنڊ جــي،
قــرب جــو ڏي پــري هــڪ وَٽــو تــو گهــران.

تنــگ آهــي ســجي تــي پئــي زنــدگي،
دوســتو ســور تــي هــڪ ڳُهٽــو تــو گهــران.

ڪجهــہ فقيــرن ڪــان ڏاڍا ڪُتــا تــي پيــا،
تــن ڪــي ڪــابو ڪــرڻ لاءِ پَٽــو تــو گهــران.

تــون تــو نــاهين جهنــدا پــارٽي جــا رُڳــي،
مــان تــہ پنهنجــي بَــدن تــي لَٽــو تــو گهــران.

ڪِــــينَ اينـــدو خبـــر آ اِهـــا دل مگـــر،
پــوءِ بــہ ”مهــراڻ“ هُــن ڪــان ڏَٽــو تــو گهــران.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گيتَ گونگا ڳِٽِي، هل! هلون لوڪ ڏانهن،
ڪو تہ آوازُ ٿِي، هل! هلون لوڪ ڏانهن.

ڪِينَ ٿِي سنڌ جي درد جي ڪا دوا،
قوم آ ننڊ پَئِي، هل! هلون لوڪ ڏانهن.

شام ميرانجهڙي جو ملي توکي ڪو؟
قافلا چئہ ڪَڏِي، هل! هلون لوڪ ڏانهن.

جَي سويرو ڪري آجيان پيار جِي،
رات هڪڙي رَهِي، هل! هلون لوڪ ڏانهن.

راند ڪيڏون وري پيار ۽ عشق جِي،
هار ٿئي يا ڪَٽِي، هل! هلون لوڪ ڏانهن.

تيزُ ”مهراڻ“ جا ڪُنَ نہ ٻوڙِنِ پرين،
موج اهڙي مَتِي، هل! هلون لوڪ ڏانهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### ڌرتي اسان جي ماءُ

جنهن مٽي کي اسان پنهنجي
ماءُ چئون ٿا
ان مٽي تي
اسان جا باٿروم ٺهيل آهن
گندي پاڻي جا کوهه آهن
گٽر آهن
مٽي جي سيني تي اسان جا
ڪروڙين جوتا پيا آهن
شرابن جي بوتلن جا
ڀڳل شيشا پيا آهن
مئل گڏه پيا آهن
سوئر گهُمي رهيا آهن
ڪنڊم پيا آهن
پر پوءِ به ڌرتي اسان کي
سيني سان لايون ويٺي آهي
ڇو ته ڌرتي اسان جي ماءُ آهي.

❖

### عشق

عشق
خدا جو
لکيل تعويذ آهي
تون سچي ٿي پئو
باقي دنيا جو ڪو به جادو
توکي مون کان جدا نٿو ڪري سگهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



## سڪوت اهڙو هجي

**ڄاڻ سڃاڻ**

| | | |
|---|---|---|
| قلمي نالو | : | نسرين سيد |
| ڄڻي جو نالو | : | نسرين |
| پيءُ جو نالو | : | غلام علي |
| ذات | : | سيد |
| جنم جي تاريخ | : | 17 ڊسمبر 1978ع |
| جنم ڀومي | : | خيرپور ناٿن شاهه |
| تعليم | : | ايم اي سنڌي ادب |
| ڪرت | : | استاد |
| شاعري جي شروعات | : | 1997ع کان |
| لکيل صنفون | : | غزل، وايون، نثري نظم، ناول، ڪهاڻيون وغيره |
| ڇپيل ڪتاب | : | اسان جي ڳلين ۾ اوهان جا حوالا، ڪنهن ڪنهنجي ننڊ چورائي، (شاعري) من اندر ۾ ڪير تہ آهي، (نثري ٽڪرا) درد جي پاڇي ۾، (ڪهاڻيون) |
| اڻ ڇپيل مواد | : | ٻن ڪتاب جيترو |
| رهائش | : | قاسم آباد، حيدر آباد، سنڌ |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## چنڊ

اي چنڊ
تون
ڪٿي آهين؟
دل جي
اماس دنيا ۾
روشني ٿي ڪيپي.

❖

## تون ئي تون

تون ڪٿي آهين؟
اچ
مون
منجهان
مان ڪڏي ڇڏ
ڇو جو مان
تون ئي تون
ٿيڻ ٿي چاهيان.

❖

## ٻاڳ

ٻاڳ
جي چا
ڳالهه ڪجي؟
ٻاڳ
۾ خوش
باب ڪونهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## توکي ڪيڏا سڏ ڪيا

تو تہ چيو هو
جڏهن
بہ تو مٿان
ڪو اوکو وقت اچي
تڏهن
مون کي
هڪ
سڏ ڪجان
ان سڏ جي موٽ ۾
تو اڳيان حاضر ٿيندس
جڏهن منهنجو شهر ٻڏي رهيو هو
منهنجي دل جون حسرتون
ٻڏي مري رهيون هيون
خدا ڄاڻي
ڪي اين شاهہ جي
بند تي بيهي مون توکي ڪيڏا سڏ ڪيا
تڏهن تون مون کان دور هئين
يا ديس ڏٽين جي درد کي
پنهنجو سمجهي ڪچي گهڙي جيان ڀُري چڪو هئين.؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## درد

درد
جو جنم
مون سان ٿيو
۽
منهنجو
جنم درد سان.

❖

## توکي ڪل نہ ڪائي

سياري جي رات
ڪيڏي نہ طويل رات
آئون ان ۾
ڏکن ڏوجهڙن سان
جدائي جا پل ڪاٽيندي رهان ٿي
سردين ۾ سڄو جسم
نست نابود ٿي وڃي ٿو
بند ڪمرو
چت ۾ اکيون
چوطرف خاموشي
ذهن ۾ ڪيئي
خواب منتشر آهن
پر توکي ڪل نہ ڪائي
سهي چيو آهي ڪنهن شاعر
عشق لڳئي تہ پوءِ پڇندوسانءِ
ڪيئن روئبو آ ڪنهن جي پيار ۾.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سڪوتہ اھڙو ھجي

ڪو تہ
اهڙو هجي
دانهن منهنجي ٻڌي
ڪو تہ
مون کي سڏي
ڪو تہ سڏڪو ٻڌي
ڪو تہ سمجهي مون کي
ڪو تہ منهنجو ٿيئي
ڪو تہ
پنهنجو ڪري
ڪو تہ
اهڙو هجي
ڪو تہ اهڙو هجي.

❖

## وساري ڇڏجان

ڳفتيون
خط ڦاڙي ڇڏجان
هاڻ پرين وساري ڇڏجان
لوڪ پڇئي
جي منهنجي باري
ٿهڪ ڏئي ڳالھ ٽاري ڇڏجان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## آوارا

مينهن
ڪٽيون
متان سمجهين
وسن ٽا نيڻ آوارا.

❖

## بهار

نيٽن ۾
خمار ڪٽي آيو آ
ڪو
شخص
بهار ڪٽي آيو آ
چيم پاڻ
ڪي نہ گهرجي ڪجھ
هو گلن جا هار ڪٽي آيو آ.

❖

## ڊسمبر

هُن جيان
اڻ موڪلائي
ڪلنڊڙ روح رڻاري
تون بہ
ڊسمبر موٽي وئين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



## احساسن جي ڏاڪڻ تان

**ڄاڻ سڃاڻ**

| | | |
|---|---|---|
| قلمي نالو | : | نسيم لغاري |
| ڄڻي جو نالو | : | نسيم |
| پيءُ جو نالو | : | ظهير بابر |
| ذات | : | لغاري |
| جنم جي تاريخ | : | 1978ع |
| جنم ڀومي | : | مسڻ وڏي |
| تعليم | : | ايم اي، بي ايڊ |
| ڪرت | : | استاد |
| شاعري جي شروعات | : | 1990ع |
| لکيل صنفون | : | نثري نظم، |
| ڇپيل ڪتاب | : | ”سنڌ جون شاعر عورتون“ ۾ حصو ورتل |
| اڻ ڇپيل مواد | : | هڪ ڪتاب جيترو |
| رهائش | : | ڪامريڊ عثمان لغاري تعلقو ماتلي ضعلو بدين |

## بقا جو راز

جڏهن ڪنهن جي ذهن مان
پنهنجي ذهن ۾ لڙتل
اڻچاتل احساس جي ڏور
جي ڇڪ
سڀ فاصلا ختم ڪري ڇڏي.
۽
پنهنجو پاڻ
پنهنجي پاڻ مان نڪري
ان وجود سان سلهاڙجي وڃي.
تہ
لامحدود ڪائنات جو سمورو حسن
۽ پنهنجي بقا جو راز
سمجهہ ۾ اچڻ آسان ٿي پوندو آ.

❖

## تلخيون

جڏهن ڪان لهجن جو زهر
هڪ ٽڪ ۾ پيئڻ
سکي ورتوسين
تڏهن ڪان
ٿهڪ ڏيڻ آسان ٿي پيا
جڏهن ڪان تلخيون
امرت محسوس ٿيون
تڏهن ڪان زماني تي
اختيار وارا ٿي وياسين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## شام

سج ٻاڙهو تي گم ٿيڻ وارو هو
پکين آخري داڻو چهنب ۾ وجهي
پنهنجي آکيرن ڏانهن اڏام ڀري
ٽڪل ڪولهٽيون
پنهنجي قسمت سان گڏ
گاهه جي ڀرين جو ٻه ڀار ڪٽي
پنهنجي گهرن ڏانهن وريون
هنيون
لوڙهي جي اوٽ وٽ بيٺل
اٺين وارن وارو
يتيم ٻارڙو
رڪي ماني جي ڀوري ڪي وات ۾ وجهندي
هر عورت ۾ پنهنجي ماءُ کي ڳولڻ لڳو
مونکي اڪثر ڳوٺن جي شام
ان يتيم ٻار جي اکين جهڙي اداس لڳندي آهي
۽
دل چاهيندي آهي
ان يتيم ٻار کي ڀاکرن ۾ ڀري
سندس مٿان پنهنجي ممتا وسائي
سندس سڄي اڪيلائيءَ اداسي ميڙي ونان
۽
شام هميشه لاءِ الوپ ٿي وڃي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ياد

ڪا ياد ٻه
ڪمال جي هوندي آ
شام سان ڳنڍيل
درد ڪٿائن ڪي مات ڏئي
وقت ڪي ونگ وجهي
حسين لمحن جي ارپنا ڪري
جياپي جو احساس ٻنجي ويندي آ.

❖

## موت يا زندگي

محبت ان وقت اٿل کاڌي
جڏهن منهنجي اکين
آسمان جي اکين ۾ اکيون وجهي
ڪو ڏوراپو ڏيڻ شروع ڪيو هو
منهنجو هٿ ان وقت جهليو ويو
جڏهن تڏو تيڻ لڳو هو
منهنجي لاءِ ٻه لڙڪ ان وقت ڪريا
جڏهن منهنجي نڙي ۾
پاڻي جي آخري بوند اٽڪي پئي هئي
مون ڪي پنهنجا ان وقت مليا
جنهن وقت زندگي مون کان ڪسڪڻ جا سانپاها پي ڪيا
مون ڪي موت ان وقت ڏاڍو تڪليفده لڳو
ڇو ته
مون زندگي ڪي محسوس ڪرڻ شروع ڪيو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## دعا

مون کي
تنهنجي ياد
امرت جي اوت جيان لڳندي آهي
مون
پنهنجي روح ۾
تنهنجو نالو امر ڪري ڇڏيو آهي
منهنجي دعا
تنهنجي گرد طواف ڪندي رهندي آهي
۽
تون
منهنجي
دعا جي قلعي ۾
هميشہ محفوظ رهندين.

❖

## هوائون

هوائون تمام تڪڙيون هيون
تنهنجا پيغام ڏيڻ کان سواءِ
اڳتي نڪري ويون
۽
آنءُ بت بڻجي بيوسي مان
سوچيان پئي
مون تائين پهچڻ وارا پيغام
ڪا ٻي سماعت نہ جهٽي وٺي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وجداني

وجداني رقص ۾
خدا تائين رسائي جا راز
کنهن
موذن کي سمجهه ۾ نہ ايندا.

❖

## شڪست

يادون
وقت جي قبضي ۾ آيل
سمورن
حسين لمحن کي
پل ۾ ڇڏرائي
وقت کي شڪست ڏئي
واپس جهول پريو ڇڏين.

❖

## وکريل ورق

غليظ رسمن جي
ور چڙهيل نارين جي
خوف جي توکي کهڙي خبر.؟
جيڪي پنهنجي خوابن کي
لڙڪن سان ڪرائڻ کان بہ ڊڄنديون آهن
تہ ڪٿي سندن
خوابن جا وکريل ورق ڪو پڙهي نہ وٺي
هو پنهنجي خوابن کي لڙڪن ۾ لڙهندي ڏسي
پنهنجي پوتيءَ جي پاند سان جذب ڪري ڇڏينديون آهن.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



## دانھي ٿو درياءُ

**ڄاڻ سڃاڻ**

| | | |
|---|---|---|
| قلمي نالو | : | نظير قريشي |
| ڄڻي جو نالو | : | نظير بيگم |
| پيءُ جو نالو | : | غوث محمد |
| ذات | : | قريشي |
| جنم جي تاريخ | : | 05 جنوري 1951ع |
| جنم ڀومي | : | ننگر، ٺٽو |
| تعليم | : | ميٽرڪ |
| ڪرت | : | انسان ذات جي ڀيڙاهه خاطر پاڻ پتوڙڻ |
| شاعري جي شروعات | : | 1995ع کان |
| لکيل صنفون | : | نثر، نظم، غزل، گيت، وائي، بيت وغيره |
| ڇپيل ڪتاب | : | اجان ساهه سوچن ۾ (شاعري) جهڙو نانءُ تهڙي ذات (نثر) |
| اڻ ڇپيل مواد | : | جنب ڪتا ۽ شاعري جا ٻه ڪتاب |
| رهائش | : | بنگلو نمبر B.3 نسيم نگر فيز 01 قاسم آباد، حيدرآباد |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکين ۾ خواب ٿا پلجن، اڃان تارا ٿکيا ناهن،
ڏسن ٿا ماڳ ۽ منزل اهي چارا ٿکيا ناهن.

پراڻي ناوَ جهومي ٿي، اڃان ٻي سمنڊ ۾ سامهون،
پتڻ تي نيت هُو پڄندا جو وڻجارا ٿکيا ناهن.

اميدن جون ڪٽيون آهن، وسن ٽيون روح جي رڻ ۾،
دليون پڻ گيت ڳائن ٿيون ۽ وسڪارا ٿکيا ناهن.

جبل جاڙون ڪندا ڪيسين؟ عزم ۽ حوصلا اوچا،
پٿر جي راهه تي رمندي ڪي تاسارا ٿکيا ناهن.

”نظير“ هي پنڌ اوکو پر، هلن ٿا ڪوڙ پانڌيئڙا،
نہ مون پاريون ٿکيون آهن ۽ تو پارا ٿکيا ناهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهــــو تـــو وقـــت ســــمجهائي،
اتـــي جـــي لاءِ تـــي تڙپـــي،
ســـموري قـــوم ڏرتـــيءَ تـــي،
نــ تــو احســاس ٿئـي كـنهن كــي،
مـــرن مـــارو پيـــا بـــك ۾،
جـــڏهن اڌ رات جـــو ايـــري،
پـوي تـــو چنـــڊ جـــي پـــورو،
لكـــائي مـــاءُ تـــي ٻچـــڙا،
متـــان كـــوئي ڏســي اپ كــي،
رڙي روئـــي ســـتل اكيـــون،
وري جـــاڳيون تـــ چـــا ٿينـــدو؟
چـــون ٿـــا پـــونءِ جـــو آهـــي،
الــڳ ٻيـــو كـــو خـــدا ٿينـــدو،
خـــدا جـــنهن خلـــق كيـــو آهـــي،
اهـــو خـــاموش چـــو آهـــي؟
خـــدا ڌرتـــيءَ تـــي كـــائي،
ويـــا تخليـــق خـــالق جـــي،
جنـــين آ ووٽ ڏئـــي آنـــدو،
يزيـــدن كـــي مكـــارن كـــي،
تنـــين بكيـــو ركيـــو آهـــي،
انهـــن جـــي پـــوءِ ٻـــ ٻـارن كـــي،
ســـجاڳيءَ لاءِ كجهـــ التـــو،
كنـــدي فطـــرت ٻـــڌو آهـــي،
اســـان وٽ ايـــئن ٿيـــو نـــاهي،
مگـــر ٻـــي جـــاءِ ٿيـــو آهـــي،
جـــڏهن بـــك كئـــي بغـــاوت آ،
ويـــا فرعـــون هـــارائي،
اهـــو تـــو وقـــت چـــورائي،
اهـــو تـــو وقـــت ســـمجهائي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بـک جـي ڳالهہ ڏکيـري ڏاڍي، بـک جـو مـانُ ڀـلا کـو آهـي؟
خـوابن ۾ ئـي جيکـو مـاڻيون، اهـڙو نـانُ ڀـلا کـو آهـي؟

ذهـنن تـي ويـو زنـگ چڙهـي ۽ خيـالن جـا در ٻوٽيـل آهـن،
زنجيـرن بـن بانـدي آهيـون، ٻيـو زنـدانُ ڀـلا کـو آهـي؟

جهوپا جوڳين جا لڙهندا ويا، سمند به سڏکن منجهہ اچي ويو،
جيکـو مـددي ٿئـي اڄ سـنڌ، سـو انسـانُ ڀـلا کـو آهـي؟

مـال ۽ ملکيـت هونـدي ٻـي چـو پـاڻ فقيـرن وانگـي پنيـو،
ههـڙي حالـت حـاکم کئـي ٿيـو اڄ حيـرانُ ڀـلا کـو آهـي؟

روز نظيـــر قريشـــي هتـــڙي، مرڻـــو، جيئڻـــو اوکـــو ڏاڍو،
وقـت! ڏيـڻ لئہ راضـي آهيـون، ٻيـو امتحـانُ ڀـلا کـو آهـي؟


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دانهـــي تـــو دريـــاءُ اتـــي،
چـو هـت اڄ ڪـا مـاءُ ٻـڏي؟

پـاڻي هـٿ جـو آنـدو ويـو،
آخـر نـاحق ڇـا لـئـ چـو؟
ثـابـت نـاهي ڪـا بـ جهڳي.

شـاعر! تـوکي ڄـاڻ نـ ڪـا،
جانيون ويون، سارا جهوپا،
ٽڪجي پونديـن سـور لـکـي.

تـوڙي ملـڪ هلائـي ٿـي،
هـڪ هـڪ کي ڪارائي ٿي،
پـوءِ بـ ڇـو آ سـنڌ ڏکـي؟

حـاڪـم هـر هـڪ زورو آ،
نعـــرو نعـــرو ڳـــورو آ،
آهـي ڪـيـئـن نظير ڪـچـي؟


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دڙي ۾ چيخ آ جيڪا،
اها تاريخ آ جيڪا،
انهيءَ ۾ درد صدين جو،
اتان ئي دڳ ندين جو،
دراوڙ ات دفن آهي،
جتي چنڊ رات جو ايري،
پيو مايوس ٿيندو آ،
سنيهو سوپ ڏيندو آ،
اتي گهوڙا ٻڪيا آهن،
اتي عصمت لُٽي آهي،
اتي لڄ ئي لُٽي آهي،
اها مورت پئي جا،
اها تاريخي آئينو،
موهن جي دڙي ۾ اڄ،
سنباره پئي وينتي سڏڪي،
مذهبن منجهه ٿا ڳائن،
اجايو ڳالهه ڌرتيءَ جي،
سڄاڻي کو سگهيو ناهي،
حقيقت منهنجي سرتيءَ جي،
سندوءُ جا نيڻ آتا هِن،
انهن جا هِنَ سان ناتا هِن،
موهن جو ملڪ هو ڪوئي،
اتي ڪيئي کهاڻيون هيون،
سوين راڻا هئا اتي ڙي،
سوين سپنا ۽ راڻيون هيون،
غدارن جو عمل ٿيندي،
کُٽي پيو ڀاڳ ڌرتيءَ جو،
لٽيرن راڄ ڪيو قائم،
ختم ٿيو دور سرتيءَ جو،
وڏو هو ملڪ دنيا ۾،
دڙو ٿي سانت ويو آهي،
موهن تي سي ڳالهائن ٿا،
جنين کي سرت ڪا ناهي،
اتي انسان جي مورت.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



## اي چنبڙ نم سڪر چاڳي

### ڄاڻ سُڃاڻ

| | | |
|---|---|---|
| قلمي نالو | : | وفا چولياڻي |
| ڄڻي جو نالو | : | سڌير احمد |
| پيءُ جو نالو | : | عبدالسميع |
| ذات | : | چولياڻي |
| جنم جي تاريخ | : | 05 جون 1996ع |
| جنم ڀومي | : | ڳوٺ ڪريم بخش چولياڻي |
| تعليم | : | بي.ايس.سي |
| ڪرت | : | شاعر، ڀاڳيو، هاري آهيان |
| شاعري جي شروعات | : | 2016ع کان |
| لکيل صنفون | : | غزل، وائي، بيت، پنجڪڙو، چوسٽو، ڏيڍ سٽو، ترويني، ٽيڙو، نثري نظم، وغيره |
| ڇپيل ڪتاب | : | عشق جون آيتون (شاعري) سال 2022ع |
| اڻ ڇپيل مواد | : | هڪ ڪتاب جيترو |
| رهائش | : | ڳوٺ ڪريم بخش چولياڻي تعلقو ٽنگواڻي ضعلو ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُنسان تو گذاري،
مهمانُ تو پڪاري.

پيسو ڏِسي هٿن ۾،
ايمان تو اڏاري.

تنهنجو هُڳاءُ جانان،
گلدان تو سنياري.

پن چڻ جيان چٽان تو،
دربان تو ٻهاري.

ڪيڏو نہ نيچ آهي،
احسانُ تو وساري.

هر ڏينهن ديس ڏي چو،
نقصان تو نهاري.

ڪنهن پيار ڪِينَ جاتو،
ارمانُ تو رُئاري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪِــينَ جــاڙو هيـــو،
غــم ڪُــراڙو هيـــو.

ڪــوڙ ڪـي ويـسَ هـا،
ســچ اگهــاڙو هيـــو.

جابجـــــا ڏيهـــــــ ۾،
ســرس ســاڙو هيـــو.

آســـمان ســـان ٻَهـــا،
ڪيـــــر لاڙو هيـــــو.

هـــڪ اپــاهج ”وفــا“،
تنـــگ پـــاڙو هيـــو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احساس ”وفا“ جو تون آهين،
وشواس ”وفا“ جو تون آهين،
مان ڪيئن چوان دوئي توکي،
اتهاس ”وفا“ جو تون آهين.

❖

بيوسي جو پرم رکيو آهي،
ڪِينَ لهجو گرم رکيو آهي،
لوڪ پلجان ”وفا“ چوي ڏوهي،
پيار پنهنجو ڏرم رکيو آهي.

❖

دوستي اچ ڪٽي زماني کان،
عاجزي اچ ڪٽي زماني کان،
هو سڏي ٿي چوي قبر ڪنهن کي،
روشني اچ ڪٽي زماني کان.

❖

رات سنيالي ڏينهن سنيالي،
دم دم دل ٿي نينهن سنيالي،
محبوب اڳيان ڪو عام ڪٿي،
دل جي ڏڙڪن شينهن سنيالي.

❖

سنيار جانان قرار آ دل،
سجڻ سِوا جڻ مزار آ دل،
لڳي ”وفا“ ڪيئن چاهه ڪم سان،
بتال من تيو فرار آ دل.

❖

ڪيئن سمجهان ته يار بيناهن،
يارڙن ۾ غدار بيناهن،
ڪيئن سمجهان ته هو چڏي ويندا،
درد دل سان جمار بيناهن.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسـان تـو گهـران مـان،
اعلـيٰ ۽ ڪِـينَ ادنـيٰ،
يڪسـان تـو گهـران مـان.

❖

اي چنـڊ نـہ ڪـر چـاڳ،
ڏسـندي منهنجـي يـار کـي،
وسـري وينـدءِ مـاڳ.

❖

ٻـاري اداس آهـي،
قرضـي ڪَـيس وڏيـري،
هـاري اداس آهـي.

❖

يوتـار يـاڙ ڪـاڏي،
معصـوم هـو سـتل گهـر،
گـولي نـراڙ ڪـاڏي.

❖

تـاريخ تـو لکـان مـان،
خـوش حـال سـنڌ تنهنجـي،
ڪـا چـيخ تـو لکـان مـان.

❖

ٺُـرت مِنـا تـون مـوت،
روڳ رهـي تـو روح ۾،
ڪيـئن سـجايان چـوت.

❖

تـنهن ڏيـنهن مـري وينـدي،
جـنهن ڏيـنهن ”وفـا“ دِل کـان،
هـيءَ ذات رُسـي وينـدي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڪجـــي آيـــس جيـــئن،
محبوبـا هــڪ مـرڪ سـان،
ســـور پُلايـــا تيـــئن.

❖

تــو مــوت گهــران مُهلــت،
خــوش حــال ڏسـان مــارو،
پــوءِ پــاڻ ڪنــدس رِحلــت.

❖

جيجـــل جهـــڙا يـــارَ،
مــون ڪــي پانــد پناهــ جـو،
گهرجـــــي پالڻهــــــار.

❖

جيــئن بــ ڏينــدين جهيـرُ،
پڇتائينـــدين پـــاڻ تـــون،
آهيـــــان آءُ ســــــڌير.

❖

چــڏ پــوڳ جــدائي جــو،
مــون ڪــي نــ وجـي مـاري،
هـــي روڳ جـــدائي جـــو.

❖

دل جـــــي ڏڪ ڏڪ يـــار،
جي تـون بـ ٻڌڻ تـو چـڏين،
آنءُ وجـــان ڪـــنهن پـــار.

❖

ڏکيـــا نـــ ڏســـن ڏيـــنهن،
مــارو منهنجـي مــاڳ جــا،
جُــڳ جــڳ جيــئن شــينهن.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـج ۾ شـامل مِـرچ،
بـرداش كـري كيـئن كـو،
بنـد كـر پنهنجـي چُـرچ.

❖

سـردَ پگهـرڻ لڳـا آهـن.
انقلابـي ڏِسـي عـورت،
مـرد پگهـرڻ لڳـا آهـن،

❖

كاكُـل چـوڙئين جيـئن،
جهونكـا پـورب واءُ جـا،
جـون ۾ آيـا تيـئن.

❖

كـانهي كـائي پيـڻ،
چونـدس مـان الله كـي،
آءُ اگهـي وج نـيڻ.

❖

كـو ڏيـنهن اچـي اهـڙو،
هـي هـوڏ وجـي لـوڙهي،
شـل ميـنهن اچـي اهـڙو.

❖

لالـچ مـن ۾ كـوڙ،
جيسـين ركنـدين آدمـي،
لوڙينـدين تـون لـوڙ.

❖

منهنجـو منـڙو مـيڻَ،
پئجـي ويَـسِ كـاٽ ۾،
نـيڻ اڙائـي پيـڻ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مـــــوجن ۾ مهـــــــراڻ،
تـــو جـــو پـــاتي جهـــاتڙي،
چــــــوڏاري چانــــــــداڻ.

❖

مـــاٺهو كـــارا نانـــگ،
اوچـــــائي الله جـــــــي،
تكبـــر كـــر تـــون چانـــگ.

❖

مـــاٺهو مـــاٺهوءَ ميـــر،
كو بہ نہ تو اڄ كلهہ گهري،
خـــالق كـــنهن جـــو خيـــر.

❖

مـــايوس نـــہ تـــون ٿـــيءُ،
خرچـــي ڏينـــدو عيـــد تـــي،
تـــوكي تنهنجـــو پـــيءُ.

❖

مـــڙس كئـــي ٻـــي تـــاڙ،
مجبـــورن پـــوري كنـــدي،
هـــوءَ بـــہ پنهنجـــي ٻـــاڙ.

❖

هـــوءَ لُٽـــي تـــي لاپُ،
پيـــرا هِـــن پوتـــار جـــا،
پيـــــرَ وڍي ســــــي ڊاپُ.

❖

هـــيءَ هـــڪ مهربـــاني تـــي،
آسـمان تـان لهـي مـون لئہ،
اي خـــدا چنـــڊ مـــاني تـــي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



## حاڪم حق جي بات

**ڄاڻ سڃاڻ**

| | | |
|---|---|---|
| قلمي نالو | : | وفا حاڪم وساڻ |
| ڄڻي جو نالو | : | حاڪم علي |
| پيءُ جو نالو | : | فقير مستي خان |
| ذات | : | وساڻ |
| جنم جي تاريخ | : | 01 جنوري 1978ع |
| جنم ڀومي | : | پيرگڏو ڪوٽڏجي |
| تعليم | : | ايم اي، بي ايڊ |
| ڪرت | : | استاد ۽ هاري |
| شاعري جي شروعات | : | 1996ع کان |
| لکيل صنفون | : | غزل، وائي ،نظم، چوسٽو، گيت ،ٽيڙو، ڪهاڻيون، مضمون، ڪالم، رايا وغيره |
| ڇپيل ڪتاب | : | ٽي شاعري جا مجموعا، اجرا ڳوڙها ميرا ڳل 2003ع چنڊ نيڻن ۾ 2005ع، پيار پنڇڻ ۽ وفا 2012ع ۽ اَٽ مختلف صنفن تي گڏيل ڪتاب |
| اڻ ڇپيل مواد | : | ٻه شعري مجموعا، هڪ ڪهاڻين جو مجموعو |
| رهائش | : | ڳوٺ سير وساڻ، ڪنب ضلع خيرپور ميرس |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهــان جــي بادشــاهي، اســان وٽ آ فقيــري،
غمــن ۾ کهــڙي ســاهي، اســان وٽ آ فقيــري.

اســان جــو روح گهايــل، اسـان جـا پيــر چــالا،
ڏسين چـا تـو تـون راهـي، اسـان وٽ آ فقيـري.

گلائــن ۽ گنــاهن کـــان آهيـــون پـــاڻ پاســـي،
نـہ کـوٺي کـنهن لاءِ کـاهي، اسـان وٽ آ فقيـري.

اکـين جـو ديـس پيـارو، چـپن جـا چـارا سـهٽا،
اســان هــون روح راهــي، اســان وٽ آ فقيــري.

ڏکـن کـي کيـر روکـي پـرينءَ هـن مليـا جـي،
اتــم دل دوســت ڏاهــي، اســان وٽ آ فقيــري.

”وفـا حـاکم“ محبـت بڻـايو مـن هـي منـور،
منـــي محفـــل ۾ مـــاهي، اســـان وٽ آ فقيـــري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجـــي قهـــري رات،
بنـــد نـــ تـــي آهـــي.

منهنجـي مـاروئڙن متـان،
ظـــالم جـــي ظلمـــات،
بنـــد نـــ تـــي آهـــي.

جهـانگيئڙا تـا بـک مـرن،
ڳـــوڙهن جـــي برســـات،
بنـــد نـــ تـــي آهـــي.

ٻـولن ٻوليـون پيـار جـون،
پکيئـــــڙن جـــــي لات،
بنـــد نـــ تـــي آهـــي.

کســيندين قلــم کيتــرا،
ڏوتيئـــــڙن جـــــي ذات،
بنـــد نـــ تـــي آهـــي.

سـنڌڙي جـاڳي تـي پئـي،
اکـــين ۾ تنهنجـــي تـــات،
بنـــد نـــ تـــي آهـــي.

جـوتيءَ وانگـر تـي ٻـري،
”حـاکم“ حـق جـي ٻـات،
بنـــد نـــ تـــي آهـــي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل ۾ مون دلربا ڏٺو آهي،
مئڪدي ۾ خدا ڏٺو آهي.

ديد جي ڳالهہ جو ذڪر ڪهڙو؟
هُو نہ دل کان جدا ڏٺو آهي.

عڪس ناهي ڇٽو پٽو نيڻن،
محب مون بارها ڏٺو آهي.

تاڪ دل جو پڪو گهڙين جهڙو،
جان من جابجا ڏٺو آهي.

خيال ۾ رنگ سپ تہ سهڻل جا،
يارُ ”حاڪم وفا“ ڏٺو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لــــب لبــــڙن مٿــــان تــــون آٽــــي وٽ،
مـــونکي تــــون روح ســـاڻ مـــاٽي وٽ.

آ ڇهيـــــو بـــــت، بـــت کـــــي تـــــڙپيس،
ان احســـــاس کـــــي تـــــون ڄـــاٽي وٽ.

مـــان مٿـــيءَ سـان ڪٿـي ملـي نـــ وچـان،
مـــونکي هـــن ڍيــر مــان تــون ڇــاٽي وٽ.

صـــبر جـــي مـــون جهلـــي تـــ جهـــولي آ،
ســــور پنهنجـــا ســــيئي امـــاٽي وٽ.

محبـــت ۾ مــــاڻهپو بـــزر مــــان ملئـــــي،
پـــو پلــــي تــــون خريــــدي نـــاٽي وٽ.

پنهـنجن ٻـانهن ۾ مـون کـي ويڙهـي ”وفـا“،
وڻ ويڙهـــــــي جـــــــئن واٽـــــــي وٽ.

هـوا سـامهون ڏيئـو ٻڄـي جلـڻ چـاڙون اسـان پيـارا،
ڏڪـن هونـدي زمـاني ۾، ڪلـڻ چـاڙون اسـان پيـارا.

اسان پنهنجـون لـوڏون ٻـانهون، پـون وڍ دشـمنن کـي تـا،
رکـي اجـرڪ ڪلهـن تـي پيـا هلـڻ چـاڙون اسان پيـارا.

رهيـا هـون ڪـوڙ جـي وچ ۾، مگـر سرها آهيـون سـاتي،
سـيني کـي حق سـچ هـر جـاءِ چـوڻ چـاڙون اسان پيـارا.

اچـن جهـوپن منجهـان دانهـون، پـري تـي مـاءُ ڪـا آهـون،
غــريبن ســان تڙپــون تــا ڏڪــڻ چــاڙون اســان پيــارا.

وســائي ســنڌڙي غيــرن، ســڪون نــاهي حيــاتيءَ ۾.
ٻڄـي مهـراڻ جـون لهـرون لچـڻ چـاڙون اسـان پيـارا.

اهــو جــو آســرو هونــدو تــہ پرچائينــدو ڪــو پيــارو،
نــہ هونــدو رنــج دل ۾ نــہ رســڻ چــاڙون اســان پيــارا.

”وفـا حـاڪم“ ڏرتـي آهـي عنايـت شـاهہ صـوفيءَ جـي،
وڏيـرو ڪيـئن ڪـوٽڪنـدو ڪـچـڻ چـاڙون اسان پيـارا.



## سڏيون سڏيون سڪاتيون

### ڄاڻ سڃاڻ

| | | |
|---|---|---|
| قلمي نالو | : | وفا منير مهر |
| ڄڻي جو نالو | : | منير احمد |
| پيءُ جو نالو | : | جمال الدين |
| ذات | : | مهر |
| جنم جي تاريخ | : | 4 اپريل 2000ع |
| جنم ڀومي | : | ڳوٺ دراني مهر نزد ٺوڙي بنگلو تعلقو ڪنڊڪوٽ ضلعو ڪشمور |
| تعليم | : | ايم اي سنڌي، سي آئي ٽي ڪمپيوٽر، ڊپلوما پاور اينڊ سلور |
| ڪرت | : | خانگي نوڪري، فنڪار |
| شاعري جي شروعات | : | پرائمري ڪان |
| لکيل صنفون | : | غزل، گيت، وايون، چوسٽا، نظم، آزاد نظم، نثري ٽڪرا، ترويٽيون |
| ڇپيل ڪتاب | : | مرتب ”ساٿي سفر هليا“ گڏيل شاعري |
| اڻ ڇپيل مواد | : | هڪ ڪتاب جيترو |
| رهائش | : | عيد گاهه محلہ ڪنڊڪوٽ سنڌ |

چيــتن جـــون برســـاتيون آهـــن،
تـــوبن تنهـــا راتيـــون آهـــن.

هيــر تــذي يــي جهيــر ڏيئــي تــي،
ڪٽيــون ڪٽيــون ڪــاتيون آهــن.

چُنڪــي ۾ وســاري مــونکي تــو،
والا چوڙيـــون پـــاتيون آهـــن.

هــرٽن جهڙيــون چــالون رکنــدڙ،
رســمن ۾ ڪئــين ڦــاتيون آهــن؟.

دڳ پڳــل تــي تــو لاءِ ”مهــر“،
ســڏڪي پــاتيون جهــاتيون آهــن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غم جي موسم گذري ويندي،
ياد بہ آخر وسري ويندي.

دل جو منهنجي وس ۾ ناهي،
چوٿون ڪائي سڌري ويندي.

شڪ جي منڊ ڪي ڪپّي ڇڏيون،
نہ تہ جدائي نسري ويندي.

روز جا دل ڪي ڏڪّ هڻي ٿي،
ڪڏهين ٿوڙي نڪري ويندي.

بحس ڪيون ڇا ڪير ”وفا“ آ،
وقت تي ڳالهہ هي نبري ويندي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس چئجو مون کان موڪلائي وجي،
بي وفائي اچي بخشرائي وجي.

ڪيس چئجو متان پو نہ رسوا ٿيئي،
وقت آهي اجان جي نپائي وجي.

ڪيس چئجو تہ هاجا جي رسمن ڪيا،
سي خدارا ٻڌي ۽ ٻڌائي وجي.

ڪيس چئجو آ شامل رڳن ۾ وفا،
هوءَ نا آشنا آزمائي وجي.

ڪيس چئجو تہ جڳ بي وسي تو ڏسي،
ڪي رکي ڪک دنيا کان لڪائي وجي.

ڪيس چئجو تو جارن ۾ تمڪي اجان،
آس جو سو ڏيئو هو اجهائي وجي.

ڪيس چئجو ”مهر“ تر جيئان آ تتل،
وڏ ڦڙو مون متان کو وسائي وجي.

منهنجي هن کي ياد ايندي ڇا ڪندي؟
پئي مقدر کي پٽيندي ڇا ڪندي؟

خط پيئي مان ڪڏي پڙهندي، ڇري،
جي اڪيلي گهر ۾ ٿيندي ڇا ڪندي؟

گڏ پڄڻ جون عادتون هن کي هيون،
منڊ رم جهم هيل ايندي ڇا ڪندي؟

جي جئيڻ جي هِن وجهه، مون وٽ پيل،
پنهنجا فوٽو ساڙ نيندي ڇا ڪندي؟

وار الجهيل آڱريون گهرندس جڏهن،
پو ”مهر“ کي ئي سڏيندي ڇا ڪندي؟


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هــــر خوشـــــي آ حيـــــرتِ انجــــام تــــي،
عشــــق ۾ كيـــــڏو رنـــــم بـــــدنام تــــي.

هـنِ رواجـن جـون پـتـون كـيـڏيون وڏيـون،
ســـي ٽـــپڻ جـــي جســـتجو ناكــام تــــي.

ســـپ اڳـــي ئـــي يـــار هـــا تهمـــت مثـــل،
تــــون بـــہ آئـــين كـــو نئـــون الـــزام تـــي.

اڌ ســـفر ۾ تـــو جتـــي هـــو هـــت ڇـڏيو،
زنـــدگي جـــي هئـــي اُتـــي ئـــي شـــام تـــي.

هـــي "مهـــر" جـــت كـــت وڏو مشـــهور آ،
شــــهر تنهنجـــــي ۾ رڳـــــو گمنــــام تــــي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



## خاموش لاڙي ويندو

**ڄاڻ سڃاڻ**

| | | |
|---|---|---|
| قلمي نالو | : | وفا ويسر |
| ڄڻي جو نالو | : | حبيب رحمان ويسر |
| پيءُ جو نالو | : | شاد غلام محمد ويسر |
| ذات | : | ويسر |
| جنم جي تاريخ | : | 2 جنوري 1988ع |
| جنم ڀومي | : | ٺري ميرواهه |
| تعليم | : | گريجوئيشن |
| ڪرت | : | سرڪاري ملازم |
| شاعري جي شروعات | : | 2005ع کان |
| لکيل صنفون | : | غزل، نظم |
| ڇپيل ڪتاب | : | ڪو بہ نہ |
| اڻ ڇپيل مواد | : | هڪ ڪتاب جيترو |
| رهائش | : | ميرواهہ تعلقو ٺري ميرواهه ضلعو خيرپور |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خــــاموش لـــڏي وينـــدو،
هــيءَ جــوءِ ڇــڏي وينــدو.

توڪـان ئـي گهـرڻ اينـدو،
ڪنهن جي نہ تـڏي ويندو.

تــو روز سِــڪايو پئــي،
ان وهـــم وڏي وينــــدو.

سڀ ڏونـگ ڪـري ڏيـري،
ڪــو جهوپــو اڏي وينــدو.

تــوڪي ئـــي پڪارينـــدو،
تــوڪي ئــي سـڏي وينـدو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل جـــي پُڪـــارَ ويســـر،
ڏي پيـــار يـــار ويســـر.

ڳـذري ڳهـــران دعـــا ٿـــو،
تـــو ســـان ڄمـــارَ دلبـــر.

نـــوڪر ٿيـــان اوهـــان جـــو،
مـــان ٻـــن ڀَڳهـــارَ دلبـــر.

توڪـــان پـــري حشـــر آ،
تـــو ســـان قـــرارَ ويســـر.

مـــوهي وِڌو ”وفـــا“ ڪـــي،
تنهنجـــي خُمـــارَ ويســـر.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوســتي تــو رکــي،
عــاجزي تــو رکــي.

روح ۾ پيـــار پـــي،
تـــازگي تــو رکــي.

چاهـــ ۾ چلولـــو،
بنـــدگي تــو رکــي.

ديـــس خـــاطر ”وفـــا“،
شـــاعري تــو رکــي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشــق تــہ سَــنهنجو نــاهي ســائين،
درد بـــہ اَهنجـــو نـــاهي ســـائين.

کــو بــہ نــہ اگهنـدءِ ڳـل تـان ڳـوڙها،
کيــر بــہ کنهنجــو نــاهي ســائين.

دل ۾ دردُ رکـــين تـــو ان جـــو،
جيڪـــو پنهنجـــو نـــاهي ســـائين.

”ويســـر“ کيـــڏي تـــڙپ وڏي تـــي،
ســات جــي تنهنجــو نــاهي ســائين.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳوڙهـــا اک ۾ آهـــــن،
چرچـــــا اک ۾ آهـــــن.

آزادي جـــــا ســــائين،
ســــپنا اک ۾ آهـــــن.

تـــوڏي ايـنـدڙ مـــون کـــي،
رســــــتا اک ۾ آهـــــن.

درد ”وفـــا“ جـــا پڙهجـــان،
پرچـــــا اک ۾ آهـــــن.



## ڪهڪشائن جا رنگ

### ڄاڻ سُڃاڻ

| | | |
|---|---|---|
| قلمي نالو | : | همراز چانديو |
| ڄڻي جو نالو | : | علي گل |
| پيءُ جو نالو | : | محمد اسحاق |
| ذات | : | چانديو |
| جنم جي تاريخ | : | 15 مارچ 1983ع |
| جنم ڀومي | : | ڳوٺ رئيس فتح محمد چانديو |
| تعليم | : | ميٽرڪ |
| ڪرت | : | مڪينڪ |
| شاعري جي شروعات | : | 2010ع کان |
| لکيل صنفون | : | غزل، گيت، نظم |
| ڇپيل ڪتاب | : | ڪو بہ نہ |
| اڻ ڇپيل مواد | : | هڪ ڪتاب جيترو |
| رهائش | : | ڳوٺ رئيس فتح محمد چانديو تعلقو سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد |

ٻــاڻ ئــي ٻــس ٻــاڻ آهــي ڇــا ڪجــي،
ريـــت جهـــڙي واٽ آهـــي ڇـــا ڪجـــي.

حـــادثن جـــي هـــانوَ جهـــڙو ٻـــي ڏيـــو،
درد سُـــوري گهـــاٽ آهـــي ڇـــا ڪجـــي.

حال پنهنجو ڪنهن سمهڙي ڏاند جان،
ڪوهـ تـــائين جـــاٽ آهـــي ڇـــا ڪجـــي.

هـــارپي ۾ هـــو سُـــڌارو ڪـــوڙ پـــر،
ويـــاج ڪـــوري ڪـــاٽ آهـــي ڇـــا ڪجـــي.

ڏوهـ ڇو ”همراز“ ڪنهن ٻي تي ڏجي،
رت هنيـــو ئـــي ڪـــاٽ آهـــي ڇـــا ڪجـــي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽن تي ٻار ٿي جهوميا،
متان ملهار ٿي جهوميا.

گسن تي گونج هئي تنهنجي،
هٿن ۾ هار ٿي جهوميا.

هوا جي هوڏ هوندي پي،
پرين جا وار ٿي جهوميا.

وڃان واري اٺانگو ڏڳ،
اُٺن تي ٻار جهوميا.

پنيان "همراز" سڏڪن ۾،
اڳيان اغيار ٿي جهوميا.

ڏڪيرا ڏينهن گهاري ٿي،
ڪچي ۾ مال چاري ٿي.

وُڻي ۾ ڪانڙيون ميڙي،
پڌر تي باهہ ٻاري ٿي.

سُڪاٺو ان رکي آڳر،
اڳيان جهرڪيون اُڏاري ٿي.

نُهن واري بہ ٿي آهي،
اجان چيٽا ٻُهاري ٿي.

اباڻي ڳوٺ ڏي ويندي،
سوين سپنا قطاري ٿي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهڪشائن جا رنگ ٿي مرڪي پيا،
تنهنجي آئي دنگ ٿي مرڪي پيا.

لاب سانگي تون ٻه آئين ڪانپ ۾،
ڪيت سارا سنگ ٿي مرڪي پيا.

ٻاڪ ويلي لام تي ڪانگو لنويو،
چاهتن جا چنگ ٿي مرڪي پيا.

مفلسي جي حال ڪي ياڪر وجهي،
ماٺپي جا ڍنگ ٿي مرڪي پيا.

سانوڻي جي مينهن جو هي معجزو،
ڪُل اجارا جهنگ ٿي مرڪي پيا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو هوا جي ڪُلهن تي چڙهيو تي وجي،
جڻ پکل ڪٽڪ هُن جي سڙيو تي وجي.

اڄ سِــگهو ٻهڳـٽي ميــنهن جــي مُنــد ۾،
سانوڻي گـل ڀِـٽن تـي چڙهيـو تـي وجـي.

ڪير ڪنهن جي ڪڍي ڪاڻ تو اي پرين،
ڏوهـ ڪنهن جو نـ آ اک اڙيـو تـي وجـي.

ڏاڍ جي ڪيت مان مال ڪنهن جو لڙيو،
ڍڳ ڏي ڍورڙا بـــڪ تڙيـــو تـــي وجـــي.

پيار پهرين جيان ڪو نـ ”همراز“ ٿئي،
ديد تنهنجي پرين دل پڙهيو تي وجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com


اويس ساگر سومرو
زبي پروين ڏاهري
سحر پرهه سنڌو
ماهر عبدالحميد
شگفته ڀٽي
گهايل انڙي
نسرين سيد
تسنيم انڙي
وفا حاڪم وساڻ

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، چو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book